
رچنا ٨۴



واسديو موهي

ساهت ۽ ڪلا جي ٽماهي

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي

رچنا

٨٤

في انڪ : ١٦ رپيا
ساليانو چندو : ٥٠ رپيا
لائيف ميمبرشپ : ٥٠٠ رپيا
ڀارت کان ٻاهر : ٥٠ يو. ايس. ڊالر

سال : ٢١


ڏياري ۽ نئين سال جون لک لک واڌايون

Greetings for
Happy Diwali & New Year

INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي



Udero lal   اُڏيرولعل



مبارڪون

پالي ڀاشا جي شوڌ ڪاريه ۾ پنهنجون اهم شيوائون ڏيڻ لاءِ، ڊاڪٽر نارايڻ سامتاڻيءَ کي راشٽرپتي پرسڪار ۽ سنمان عطا ٿيڻ تي.

سنڌالاجي پريوار

"اوهان پنهنجي ٻار کي موت جي سزا ڏيندا؟"

بلڪل نه

نه مهرباني ڪري هيءُ غور سان پڙهجو.

شاديءَ کان اڳ رت جي تپاس اوهانجي اؤلاد کي خوفناڪ تباهيءَ کان بچائي سگهي ٿي.

"ٿيلا ساميا ميجر" "THAILASSAEMIA MAJOR"

ٿيلاساميا مائينر(ننڍي)بيماريءَ جا جيوڙا جائي جم کان ٿين ٿا-پرش ۾ ٻه استريءَ ۾ ٻه.

جڏهن ٿيلاساميا مائينر جيوڙن وارا وڏا ٿي شادي ڪندا ته اُنهن جي اؤلاد کي ٿيلاساميا(وڏي) بيماري ٿي سگهي ٿي.

ٿيلاساميا علاج رهت بيماري آهي جا سنڌي جاتيءَ ۾ چڱي ڦهليل آهي.

ان بيماريءَ وارن ٻارن جي رت ۾ هوميو گلوبن ضرورت کان گهٽو گهٽو گهٽ هوندي آهي جنهن جي نتيجي ۾ رت پاڻيءَ وانگر ڇڊو ٿي ويندو.

اهڙن ٻار کي زنده رکڻ لاءِ باربار نئين رت وجهائڻ جي ضرورت پوندي آهي.

اهڙي ٻار جون بکيون ۽ جيرو وڏي ويندو آهي، ان ڪري مٿا پيشاب ۽/يا دل جي بيماري ٿي پوندي آهي.

اهڙن ٻارن جي عمر وڌ ۾ وڌ ١٥ کان ٢٠ سالن تائين ٿيندي آهي.

تنهن ڪري اڳوات رت جي تپاس جو فيصلو بربادي ۽/يا آباديءَ جو رستو کولي سگهي ٿو.

هاڻي ئي عمل ڪريو !!!

ٿيلاساميا لاءِ رت جي تپاس ڪرايو !!!

جاتيءَ جي ڀلي لاءِ هيءُ اشتهار وجهايو وڃي ٿو.

شيپ ڪامنائن سان:

رام لعلچندلاڻي

۾ ٿونسڻ لاءِ اسڪولن ڪاليجن جا ماسٽر پروفيسر به سڀ جا سڀ، هڪ ئي ڳاڙهي، سائي، يا گيڙو رنگ جي ذهنيت وارا هوندا. پبلڪ جو سستو منورنجن ڪرڻ لاءِ ٿيٽر، سرڪس نوٽنڪيءَ جا قوال، ناچو، قلابازيون ڏيندڙ جوڪر هڪ ئي وانر جي نسل جا هوندا. سرڪاري وظيفن تي پلجندڙ درٻاري ليکڪ شاعر، محل ۽ موقعي انوسار پنهنجو پنهنجو مالُ تيار ڪري ڏيندا. اها سموري خريد فروخت ٽينڊرن ۽ ڪوٽيشنن ذريعي ٿيندي. ان سپلاءِ جي عيوض ڪميشن دلالن معرفت، ڪئش ۽ ڪائينڊ ۾ وصولي ويندي.

ها، اڄ به لڳي پئي اهوئي ٿي رهيو آهي. ڪوالٽيءَ جي ان يگ جي پڇاڙي اچي چڪي آهي جڏهن هرڪو شخص پنهنجي پنهنجي چونڊيل کيتر جو هڪ ڪلاڪار هو. ڪشميري شال تي ڀرت ڀرڻ وارو ڀيو دستڪار ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجيءَ ڪرت ۾ کوهجي، سُئيءَ ۾ پنهنجي ڪلپنا شڪتي اوتي، طرح طرح جا نقش ڪپڙي تي چٽيندو هو. وقت جي کيس سمڪ ئي نه پوندي هئي. اها دستڪاري سندس پيار جو پورهيو هئي. ان ڪلاڪرتي مان اُڀري آيل ڪوالٽي سندس اندر جي اوسر جو عڪس، سندس 'مان' جي صحيح سڃاڻپ هئي.

اڄ جي مشيني يگ ۾ پورهيت جو پنهنجي پورهئي مان سندرتا جو احساس گم ٿي ويو آهي. ڪا نئين، اديت، لاثاني ڪوالٽيءَ واري چيز خلقڻ جو رومانچ ختم ٿي ويو آهي. مشينن ۽ مارڪيٽ جي دٻاوَن سندس انفراديت کسي، کيس ڇهري هيڻ، پاڻ لاءِ اجنبي، اڪيلو ويڳاڻو بڻائي ڇڏيو آهي. پورهيت ۽ سندس پورهئي جي وچ ۾ بيگانيت پيدا ٿي وئي آهي.

اڄ دنيا ۾ چوڌاري ڦهليل بدامني، بي انتظامي ۽ بد سلوڪيءَ جو مکيه ڪارڻ، انساني رشتن ناتن ۾ اچي ويل اها بيگانيت ئي آهي. ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان، پنهنجي آس پاس سان، قدرت سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان، پنهنجي سماج ڪٽنب سان، خود پنهنجو پاڻ سان ڪو تال ميل ڪونه رهيو آهي. سندن سنٻنڌ وڇيد ٿي ويو آهي. اڄ جو ماڻهو ايشور (ڪوالٽي) کان ومک ٿي ويو آهي. هن جي اندر ۾ شيطان اچي واسو ڪيو آهي. دوزخ اَڄ ٻيا ماڻهو ڪونهن، اسين پاڻ ئي آهيون، جن محبت ۽ ايمانداريءَ جي واٽ ڇڏي، پنهنجي شخصي سوارٿ لاءِ نفرت ۽ بي ايمانيءَ جو رستو اختيار ڪيو آهي.

هن دنيا کي بدلڻ ۽ بهتر بڻائڻ جي لياقت به انسان جي اَندر ئي مؤجود آهي. هرڪو شخص جي پاڻ طرف فرض (Duty towards Self) نڀاهڻ جو ڌرم پالي، يعني پنهنجي چونڊيل کيتر ۾، هٿ ۾ کنيل ڪرت طرف ايماندار بڻجي، ساڌنا/رياض ذريعي 'ڪوالٽيءَ' جي آراڌنا ڪري ته هو خود خدا بڻجي سگهي ٿو. نه رڳو ٻين ماڻهن (جيون) سان بلڪ مشينن (اَجيون) سان به مڌر سنٻنڌ استاپت ڪري اُنهن مان سندرتا جو احساس خلقي، هن زندگي کي جيئڻ لائق بڻائي سگهي ٿو. ڪوالٽيءَ تي ٻُڌ آهي، ڪرست آهي، محمد آهي، نانڪ آهي، گانڌي آهي.

هت اهو وري دهرائڻ ضروري آهي ته سچ، سونهن، پيار، ڪلا، ڪوتا، ڪوالٽيءَ کي، جيڪي سڀ هڪ ئي لامحدود، سرويا پي، امورت ايشور جون صفتون آهن، جن ذريعي هو پاڻ اظهاريٿو؛ انهن کي محسوس ته ڪري سگهجيٿو، ماڻي به سگهجيٿو. پر پنهنجي محدود انساني قوتن ذريعي، انهن کي ڪنهن وياکيا جي پڃري ۾ بند ڪري، پنهنجي ڊرائينگ روم ۾ ٽنگي نٿو سگهجي.

ڪوالٽي

سچ، سونهن، پيار، ڪلا، ڪوتا جيان ڪواليٽيءَ جي بہ وياکيا ممڪن ناهي. اهي سڀ اسانجي علم ۽ عقل جي دائري کان مٿي جون وصفون آهن.

ڪواليٽي شخص جي اندرين اوسر جي هڪ پُر اسراري وصف آهي. اکين کي نظر نہ ايندي بہ اُها هرشخص، هروستو، هر ڪاريہ ۾ مؤجود ٿي سگهيٽي. ڪواليٽي ئي آهي جيڪا ڪرڪيٽ رانديگر تينڊُلڪر کي، نرتڪار برجو مهراج کي، گايڪ ڪلاڪار بيگم اختر کي، شاعر شيام کي ٻين کان الڳ ڪري بيهاري ٿي. هن سنسار مان جي ڪواليٽيءَ جو اهو عناصر ڪڍي ڇڏجي پوءِ تہ حياتي نهايت ئي نيرس، اَيوڳي بڻجي پوي. اُها شايد جيئڻ جي قابل ئي نہ رهي.

ڪواليٽيءَ جي غير موجودگيءَ جو ڀريون شڪار ساهت ۽ سوڪيم ڪلائون ٿينديون. شاهہ، شيڪسپيئر گيٽي، ٽئگور جهڙن شاعرن کي پڙهڻ، سمجهڻ، ماڻڻ ۾ ڪنهنجو چاهہ نہ رهندو. ڪشوري امونڪر، ڀيمسين جوشي، عابدہ پروين هندي فلمي گانن جي شورغل ۾ گم ٿي ويندا. آرا، بيندري، جامني راءِ جي چترن بجاءِ، گهر آفيس ۽ آرٽ گئلرين جي ڀتين تي عمر خيام، مينڪا وشوامتر جا اشليل ڪئلينڊر ٽنگيل نظر ايندا.

در اصل اڄ اهوئي ٿي رهيو آهي. انسان جي زندگيءَ مان ڪواليٽي آهستي آهستي موڪلائي رهي آهي. ڏينهون پوءِ چوطرف رواجيپڻي ۽ فاحشپڻي جو راڄ قائم ٿي رهيو آهي. اڄ جي ماڻهوءَ جو هڪ ئي واحد شغل آهي : گهٽي کان گهٽو پئسو ڪمائڻ. پئسي ڪمائڻ لاءِ هرروز، هر پل، هوُ پاڻ کي وڪڻي ٿو ۽ ان کي سستو سؤدو سمجهي ڪڳيون هڻي ٿو. ڪيس اهو احساس نٿو ٿئي تہ ان ڪارگذاريءَ ۾ هو ماڻهپي جي معياري درجي کان هيٺ ۽ هيٺ اوڙاهہ ۾ ڪري رهيو آهي. پئسي ڪمائڻ لاءِ رشوت، ڪاڏي جي شين ۾ ملاوت، ڀرشٽاچار، بلئڪ ميل، بي ايمانيءَ کي جائز مڃي، هو انهن نانگن کي ڀاڪر پائي رهيو آهي.

هن وگيان ۽ ٽڪنالاجيءَ واري يگ ۾، مشينن جي ايجاد، اڄ وڏي پيماني تي هڪجهڙيون ساڳي قسم جون شيون تيار ڪري، ماڻهوءَ کي عيش عشرت لاءِ ناڻو تہ جهجهو ميسر ڪري ڏنو آهي، پر موٽ ۾ سندس انفراديت کسي، ڪيس ماڻهو (being) مان مشين (non-being) ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. مشينن جيان ئي ڏينهن رات مشغول ٿي ويل ماڻهوءَ وٽ پنهنجي ڪواليٽيءَ جي اندرين اوسر ڪرڻ لاءِ ٽائيم ڪونهي. اڄ ڪواليٽي (معيار) ڪوانٽيٽيءَ (مقدار) جي پهاڙ هيٺان دٻجي دم ٽوڙي رهي آهي.

اڄ جا وگياني هاڻي ڪلوننگ (Cloning) ذريعي، بازار جي گُهرج پوري ڪرڻ لاءِ، وڏي تعداد ۾ انسانن جا جدا جدا قسم لئبارٽرين ۾ تيار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. شايد هاڻي اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن ديس جي سرحدن تي گرمي سرديءَ ۾ پهرو ڏيڻ لاءِ هڪ ئي قسم جا مضبوط جانٺا جوان لکن جي تعداد ۾ ٺپي ٺاهي تيار ڪيا ويندا. اڳوات رٿيل سرڪاري آيوڊيالاجي شاگردن جي دماغ

غزل/واسديو موهي

١

پيرُ پيرَ سان
وانڱون خوشبوُ.

جسم قيد ۾
ٻانهون خوشبوُ.

اَڱڻ خطن ۾
سارون خوشبوُ.

اِنَي ذڪر گِل
لانڱون خوشبوُ.

ڳنڍي ڳوٺ سان
پاڙون خوشبوُ.

هرهنڌ سنڌي
شاخون خوشبوُ.

ڇُلھ تي هانڊِي
آسون خوشبوُ.

ٽوٽ مٽي مان
ڇانڱون، خوشبوُ.

٢.

روڪ ڇپن کي، ڦڙڪڻ کان
ماڻھو معنائون ڪيئندا.

چوان ڇا پنھنجن، جذبن کي
آڱر پڪڙي پيا هلندا.

ڪڏهن نہ آمھون سامھون ٿيو
اُفواہ ٿي ڪيسين ملندا.

هيٺ جھڪي ويو، دروازو
جُھڪي جُھڪي ڪيڏو جھڪندا.

وڏي ڪٽو ٿا پٽ هيڏي
دري نہ ھڪڙي ڪا رکندا!

ندي وهي ساڳي در وٽ
ڪَنُ ڏيو، گھٽو ٻڌندا.

اوهان پٽيون، مان دروازو
مون کان سِوا گھر ڪئن ٻڻندا!

لڙيون ٻہ وهنديون ڏئوَ ھٽي
ڏينھن سڄو ڇا، پيا پُسندا!

واسديو موهي

پورو نالو : واسديو وينسيمل سڌناڻي موهي
جنم : ٢ مارچ ١٩٤٤
جنم استان : ميرپور خاص (سنڌ)
تعليم : ايم. اي.، ايم. ايڊ.
پيشو : آڊياپڪ، دي اِنڊين هاءِ اِسڪول ڊُبئي

چپيل ڪتاب :

تضاد	(ڪوتا)	١٩٧٦
صبح ڪٿي آهي؟	(ڪوتا)	١٩٨٣
مٽڪو	(ڪوتا)	١٩٩٢
برف جو نهيل	(٥١ غزل)	١٩٩٦

ترجمو :
سنل آتما سڄاڳ سرير (جپاني ناول - جنيچيرو تانيزاڪي) - ١٩٦٨
نامڪل راملنگم پلئي -

انعام : گجرات ساهتيہ آڪاڊميءَ طرفان مٽڪو ڪتاب تي بيوس اوارڊ
بيسٽ سنڌي سپا طرفان برف جو نهيل تي نارايڻ
شيام اوارڊ

سرنامو : A- 355, Nayannagar,
Sahijpur Bogha,
Ahmedabad - 382345

٥.

ڪنهنکي به ڏسي سگهجي
اوندھ کو جي اوڊي، ته .... ته ....

ڳُلُ مس آچا اکه کولي
ءِ ٽاري کو لوڏي، ته .... ته ....

ڪنهنکي ڏسي سپني ۾
جهٽ در وچي کولي، ته .... ته ....

تون شام جو تک پڇندين
سج گهوڙا نه چوڙي، ته .... ته ....

پاکر ۾ هوائن کي
آڪاش سموئي، ته .... ته ....

ٽُلسيءَ تي سهاڳڻ جو
ڏيئو هوا چوري، ته .... ته ....

٦.

جيون جو حصو ٿي پوندس
ترِيءَ تي بوند بڻي جئن وسندس.

پنهنجو رِشتو سمنڊ نديءَ جو
توکي ٿورو کارو لڳندس.

صبح دريءَ مان، جئن ئي ٿيندو
آءُ گهٽيءَ جيان جاڳي اُٿندس.

گهر جو توکي، اَحساس ٿئي
تنهنجي سامهون چُلھ تي ٻرندس.

ڳُل جو آ هڪڙوئي گفتو
دنيا جي بدبوُ سان لڙندس.

منت به ڀِهندس، ڪجھ ڳولهيندس
پَربَت جي جهرٽي جان هلندس.

٧.

پنهنجي ٻوليءَ کان الڳ ٿيندو اَلف
عمر گونگےِ تي گذاريندو اَلف.

هيڏي ڏرتي، پو به ڌرتي لاءِ سِڪي
ڳترا ڳترا تي نباهيندو اَلف.

ٻج ۾ يا ريج ۾ هوُندي ڪمي
جت به ويندو سِرُ جهڪائيندو اَلف.

ڳُلَ نيون ڌرتيون وسائيندا ويا
آس : رڻ ۾ مَهڪ آڻيندو اَلف.

گيِرائي پير هلندو تو رهي
پنهنجو نالو آ ٻڌائيندو اَلف.

واقفيت ٿيندي اکيون ويندس جُهڪي
جي قضا سان پوٽي وٽ ايندو اَلف.

٣.

جي سناڻو چلڻ لڳي، گهنگهرو ٽينداسين
لفظن تان ڏَز دور ڪري، گهنگهرو ٿينداسين

پنهنجا نقش سڃاڻڻ جي، ڪوشش ۾ چهرو
رڳو سڪي جي شڪل وٺي، گهنگهور ٽينداسين

اونده کان مونکي ڪو ڪئن، ڊيڄاري سگهندو
رات جئن وڌي، ڀڳت مڇي، گهنگهور ٽينداسين

مان تو ڏانهن هٿ وڌايان، تون مرڪ وڌائين
وچ۾ سرحد اَچي وڃي، گهنگهور ٽينداسين

منهنجا پير هڪ جڳهه، هٿ ٻيءَ جڳهه تہ سِر ٽينءَ
جسم هڪ دفعو جسم بڻي، گهنگهور ٽينداسين

تون ڀرين اَکر مان رڻ پٽ، ڪڍ، پوءِ سامهون ڏس
ٽر تي ڪئن ٿو ڪکر وسي، گهنگهرو ٽينداسين

ڪجهه نٿا ڏسون، اونده يا، تيز روشنيءَ ۾
ڇيڙن کان ٿي پري پري، گهنگهور ٽينداسين.

٤.

سج لِڪائي، گُهمي ڇٽيءَ هينان
ڪارو گهيرو ڇُري، ڇٽيءَ هينان.

وار ڪُڏ تي وڃي سُڪائين ٿي
شهر سارو اَچي، ڇٽيءَ هينان.

ڇاٽَ بوُندن جي، بوُٽ سئنڌل جي
جوڙي جوڙي وڃي، ڇٽيءَ هينان.

تون پُسڻ کان بچين، ڏکيو آهي
اُڀ وسي ٿو ڀوي، ڇٽيءَ هينان.

دوست برسات جيان وسن ٿا جڏهن
ڪئن پو ڪوئي هلي، ڇٽيءَ هينان.

سوڪ ۽ ٻوڏ، ڪورو سِرُ ۽ اڪيون
ميل اُبتو مِلي، ڇٽيءَ هينان.

ٻوُند هوُندي پسيني جي نَڪَ تي
مينهن جي ڪونهي جي، ڇٽيءَ هينان.

غزل/واسديو 'نرمل'

١.

١. ڦلايون ٿا جهولي هرهنڌ،
جيئي سنڌي ٻولي هرهنڌ.

٢. خواب ۾ ڪلهه هڪ خواب لڌو ٿم
گونجي سنڌي لولي هرهنڌ.

٣. ڪنوار ته سپنن جي تيار آهه
ڳوليون وينا ڏولي هرهنڌ.

٤. خوشيءَ جي ڏياري ملي ٿي مشڪل
جلي غمن جي هولي هرهنڌ.

٥. ماءُ اُڏاري جي نه مُئي آ
ملي نه، توٽي ڳولي هرهنڌ.

٦. بنگلن وارن کي نه پُڇي نند
پونگين جي، پر، گولي هرهنڌ.

٧. وڏيو دائرو سنڌو نديءَ جو
ڦهلي پيئي چولي هرهنڌ.

٨. پوتيءَ ساڻ ڍڪي ڪئن سگهندين؟
نرمل، ڦاٽل چولي هرهنڌ.

٢.

١. سنڌ جو آهي عجب مقدر
ڪڏهين دودو ڪڏهين چنيسر!

٢. مُرڪي مُنهن تي، گل ٿا آڇين،
پرپٺ پيا کُپوئن خنجر!

٣. جت ڪٿ آهن غم جا ڪنڊا
دل بڻجي ويئي ڄڻ ٿُوهر

٤. جُڙيل هجان شل تنهنجي در سان
جئن تنهنجيءَ چائنٺ جو پٿر

٥. نئين زماني جو آ ڪرشمو
اَڄڪلهه پيءُ کي پُٽ جو آ، ڏَرُ!

٦. نرمل جيان ڪو ٿي ڏيکاري
جهڙو ٻاهر، تهڙو اندر!

Flat No-3, Mahran Society,
J.V.P.D.Scheme,
N.S. Road No.10,
Juhu, Mumbai- 400049

سَسئي - ليلا

منهنجا پير هلندا ٿا رهن
منزل تي پهچڻ بعد بہ
اُنهن ۾ ڪو رولاڪ وسي ٿو
۽ منهنجا پير وري
ڏونگر ڏارين ٿا

اِئين هڪ سلسلو
موتي در موتي
جُڙندو وڃي ٿو
مالها ٺهندي وڃي ٿي
ڊگهي ٿيندي وڃي ٿي

پلڪاوَ ۾
جنهن جبل وٽان لنگهان ٿو
اُنجي قدامت جا گڻ ڳايان ٿو
(۽ پنهنجو دڙو وسارڻ لڳان ٿو)
جنهن زمين تي پير رکان ٿو
اُنجي مٽي پيشانيءَ تي لڳايان ٿو
(۽، منهنجي مٽيءَ جو هڳاءُ وڃڙجي ٿو)
جا ٻولي ٻڌان ٿو
منهنجي زبان تي چڙهي وڃي ٿي
(۽ ... منهنجا لفظ سرڪڻ لڳن ٿا)

ڏيري ڏيري
موتي در موتي ڊگهي ٿيندڙ مالها
منهنجي چوڌاري وڪوڙجڻ لڳي ٿي

مون وٽ پير سسئيءَ جا آهن
دل ليلا جي آهي

سنڌي

تنهنجيون ٽاريون
ٻاهر ۾ ڪو نہ سڙيون آهن
تنهنجي ٿُڙ مان
ڪنهن ڪرسي ٽيبل ڪونہ ناهيا آهن
تنهنجي پاڙ بہ
نئين زمين ۾
اونها ساهہ پيئي ڪٽي
تنهنجا صرف
پَن پلجي ويا آهن
هوا / هير لڳڻ تي
تنهنجي وات مان
سر سر جا ٻول ڪونہ نڪرندا
ليڪن
تون ڇئي سگهين ٿو
تون وڻ آهين.

جياپو

مونکي ٻوليون وڻنديون آهن
پر ٽِن کي پيار ڪندو آهيان.
انگريزيءَ کي
مونکي روٽي ڏيندي آهي
هنديءَ کي
مونکي ديش سان جوڙيندي آهي
سنڌيءَ کي
مونکي سپنا ڏيندي آهي

A- 355, Nayannagar
Sahijpur Bogha
Ahmedabad - 382345

غزل/شکو ڪلناڻي

اَڄ تہ هلون

١. اَڄ تہ هڪ ٻئي سان ملي ڪو گيت ڳائيندا هلون
گيت ڳائيندا هلون، محفل مچائيندا هلون.

٢. جي ڪِريل آهن ڪٽون تن کي ڪٽي ڪو ڏگ ڏسيون
جي روئن ٿا تن جي آنسن کي سڪائيندا هلون.

٣. پل اسان جي ٿئي گلا يا ٿئي ڪِٿي تعريف ٻيي
پاڻ پيهي پاڻ ۾ مستي لُٽائيندا هلون.

٤. پل اَچي ساگر اڳيان ۽ پل اَچي سامهون جبل
پر اَسين مستيءَ ۾ هستيءَ کي وڌائيندا هلون.

٥. جي ملايون پاڻ ۾ هٿ ۽ اسين يڪمشت ٿيون
پوءِ دنيا کي اڳيان پنهنجي جهڪائيندا هلون.

٦. ڇا سياڻي آہ ٿيٽو ڪنهن کي آهي ڪا خبر
اڄ اسان جو آهہ اڄ اَڄ کي ملهائيندا هلون.

٧. ڇا ڪبو هيڏو سمر پنهنجو تہ آ ننڍڙو سفر
ڪجھ ڪپايون پاڻ تي ۽ ڪجھ وراهيندا هلون.

٨. پيار جو پيغام ڏيئي ڪوءُ ڪسر ڪائي هلون،
پريم سان دشمن کي ٻيي پنهنجو بڻائيندا هلون.

٩. دم گهڙيءَ جي زندگيءَ ۾ ڇو ويهي جهڳڙا ڪريون
ڇو نہ هرهنڌ پيار جي گنگا وهائيندا هلون.

6, Agha Khan Building,
Dreamland Hotel Compound,
Station Corner,
Pune - 411001

غزل/سبرو سياه

١. توکي پنهنجو يا پرايو سمجهان!
مون وٽان مرڪ ڪٽي پيو وڃان!

٢. زندگي، شهر ۾ بدنام نه ٿين؛
شهر مان نيڻ جهڪائي لنگهجان!

٣. ڌرتيءَ تي منهن جو تون ڀاڃو آهين؛
اُپ ڏي ڪڏهين نه اُڏامڻ سگهجان!

٤. نيٺ محفل ۾ ڪي مٺا پي ملندءِ؛
دل جي ڪنڊ ۾ سي لڪائي رکجان!

٥. اجنبي پَلَ ۾ ٿي پنهنجن جا ويندءِ؛
ڀر ۾ تن کي به وهاري ڏسجان!

٦. تو ٿي چيو، پين به ڏٺو پئي مون کي؛
حادثو هوس، وساري ڇڏجان!

٧. ڪلهه جُڙيا، اڄ سي ٽٽي ويا رشتا؛
پوءِ به تن ساڻ نڀائي هلجان!

٨. هر دفعي مُرڪي مِلئين پي اي سياه
هاڻ مرڪي پيو وڇوڙو سهجان!

U.I.T. Plot N0 : 257,
Ajai nagar, Ajmer 305003

غزل/لڪشمڻ ڏُبي

پيو ڪٿي پڻ هو هجي، ممڪن نه آ،
هنئر ۽ هِنرڙي نه آهي، جيڪڏهن!

هلڪڙو ۽ سُبڪُ سؤکو ٿي پوي،
خواهش جو بوجهه لاهي، جيڪڏهن!

صرف سندر آهه هرڪ آدمي،
پاڻکي نقلي نه ٺاهي، جيڪڏهن.

خواب کان مڪتي ملڻ مشڪل نه آ.
خواب کي سمجهي نه چاهي، جيڪڏهن!

فڪر ۽ فرياد ڇاجي لاءِ ڪندو؟
سُکن سُوڏا ڏک به چاهي، جيڪڏهن!

ڇو نه دنيا راس ايندس 'لڪشمڻ'؟
پاڻ سان پهرين نباهي، جيڪڏهن!

86/D, Guru Nanak Society,
Thane (E) - 400603

گيت/ڪمل پياسي

(١)

ڀرانگهون ورائي ڪناري تي اينديون،
ڪڏهن ڇال تي تال قدرت جو ڏينديون،
ائين مست من کي بڻائين ٿيون لهرون،
امنگ ٿا اُٿن، دل لڀائين ٿيون لهرون.

(٢)

غم، دل جي پيڙا، ولوڙي جگر کي،
کڍي دُک ٿيون ڪن صاف، اُجلو اندر کي،
اَمن جي سنديشي جو اعلان لهرون،
ڏين سانت ۾ سک جو فرمان لهرون.

(٣)

مِٽي مَنَ جي، اُداسي اُڏامي،
نه ڳٽيون نه ڳارو، نه اندر اُيامي،
راحت ڏين راز واريون ٿيون لهرون،
گهڙيءَ سک سان مون ڏانهن نهارين ٿيون لهرون.

(٤)

جڏهن مان ڪناري تي ٽهلڻ اَچان ٿو،
لهرن کي ڏسندي مان گد گد ٿيان ٿو،
ڇهن پير منهنجا سدائين ٿيون لهرون،
ڏسي ٿيون ٽرن پاڻ البيليون لهرون.

(٥)

جڏهن هن هٿن ساڻ ڇوليون ڇهان ٿو،
گد گد ٿيان ٿو - ڏسي مان ٽران ٿو،
مترتا سدائين نباهين ٿيون لهرون،
ڏين ڪين ڪنهنجون ميارون ٿيون لهرون.

(٦)

لڪل آهه لهرن سان، ڪو پيار ممتا،
جن سان رهن ٿا جُڙيل جهور رشتا،
اَمرتا جو آواز انداز لهرون،
رهن ذهن منهنجي ۾ ممتاز لهرون.

'Hari Shewa', Plot 382/4, Sector 29,
Gandhinagar - (Gujrat) - 382029

نوان دستخط/راڪيش لالواڻي

زندگي

بيشڪ
تون هيءَ ڪتاب
پڙهي سگهين ٿو
پر
ڪو به پنو
موڙجان نه!

•

سڙانڌ

ڦل جي اندر ڪيڙو
۽
دماغ اندر چنتا

جهرڪين جا پر

ڪيترو فرق ٿيندو آهي
جهرڪين جي پرن
۽ پرين جي پرن ۾
پريون نچڻ ڪان پهرين
پنهنجا پير لاهي رکنديون آهن
پڏائي سگهو ٿا -
جهرڪين جا پر
ڪيڏانهن ويندا آهن

گيت/ ڪوشي لالواڻي

جاڳ سنڌي جاڳ ۔ ناهي ويل سمهڻ جي ناهي
ويل سمهڻ جي ناهي، ڀائو ويل سمهڻ جي ناهي!

سنڌ ڇڏي تون هند ۾ آئين - سڀ ڪجهه پنهنجو لٽائي
هند ۾ اَچي جي ڪشٽ سٺا تو - تنهن کي ڪير ٻڌائي
تني ٽڏي تو ڪين ڏني - ويئين جان جي بازي لڳائي
جاڳ سنڌي جاڳ، ناهي ويل سمهڻ جي ناهي ......

اونچي اِرادي سنڌي تنهنجي - کهڙو رنگ آ لاتو
دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ڪي - تو آ پنهنجو ڄاتو
محنت پيار قرب سان ڇڏيئہ - دنيا پنهنجي بڻائي
جاڳ سنڌي جاڳ، ويل ناهي سمهڻ جي ناهي .....

ناڻو نالو خوب ڪمايئہ، سنڌيت ويئين گنوائي
دنيا جي ٻولين کي ڄاڻي، سنڌي ڇڏيئہ ڀلائي
سوچُ، سمجھ ڌَر، ڇا تو پاتو - ڇا تون ويئين وڃائي
جاڳ سنڌي جاڳ، ناهي ويل سمهڻ جي ناهي ......

هاڻي بہ اَکہ پٽ سهڻا سنڌي ويل نہ ويئي آهي
سنڌيت ۽ سنڌي ٻولي - ٻچڙن کي ڏي تون ورهائي
متان ٻچن هو توکان هاءِ ڪير مان آهيان - هاءِ
مونکي ڪير ٻڌائي ڀائي مونکي ڪير ٻڌائي

ڪير مان آهيان ڪٿان مان آيس مونکي ڪير ٻڌائي
مونکي ڪير ٻڌائي مونکي ڪير ٻڌائي

جاڳ سنڌي جاڳ ناهي ويل سمهڻ جي ناهي

Post Box
Dubai - U.A.E

هڪ سنڌيءَ جي آتم ڪٿا

وڏي ايئرڪنڊيشن بيڊروم جي هڪ ڪنڊ ۾ بيٺل ٻه ڊاڪٽر پاڻ ۾ صلاح ڪري رهيا هئا. ڪجهه دير بعد هڪ ڊاڪٽر نند ڏانهن نهاريو، ٻئي ڀائر نند ۽ انيل ڊاڪٽرن جي ويجهو ويا. 'حالت سٺي نه آهي، ڪنهن به وقت ڪجهه به ٿي سگهي ٿو.' هڪ ڊاڪٽر چيو. ڀائرن ٻئي ڊاڪٽر ڏانهن نهاريو. ٻئي ڊاڪٽر چيو : 'دوائون اثر نه ڪري رهيون آهن. باقي سڀ ايشور تي آهي. توهان مريض کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪيو. ڪانئس سندس آخرين خواهش پڇو، جيئن هو هلڪي من سان دم ٽوڙي.'

ڊاڪٽرن کي لفٽ تائين ڇڏي ٻئي ڀائر پيءُ جي پلنگ وٽ آيا. پريداس جو منهن ٻئي طرف هو. نند سڏ ڪيو 'ڊئڊي' پريداس منهن ڦيري پٽن ڏانهن نهاريو. انيل چيو : 'ڊئڊي، ڊاڪٽر چئي رهيا آهن ته هاڻي توهانجي صحت سڌري رهي آهي، هو دوائون گهٽائي ويا آهن. توهان کي صرف آرام جي ضرورت آهي.'

پريداس پٽن ڏانهن نهاريندو رهيو. ڪجهه دير بعد چيائين : 'مان سڀ ڄاڻان ٿو. ڊاڪٽرن جي چهرن تي سڀ لکيل هو. توهانجو آواز به سچي ڳالهه ٻڌائي رهيو آهي.'

نندي ڀاءُ انيل اڳيان وڌي پڇيو : 'ڊئڊي، توهانجي ڪا اِڇا، ڪا تمنا؟'

پريداس ٿاڪي ٻڌندي محسوس ڪيو. اکيون بند ڪري ڪجهه دير بعد کوليائين. آواز کي سهيڙيندي چيائين : 'نند، انيل، ويجهو اچو. توهان منهنجا پٽ آهيو، منهنجا وارث. مون پنهنجي زندگيءَ جا سڀ فرض پورا ڪيا ..... باقي مان هڪ هون ڪرائڻ چاهيان ٿو. آرتوار ڏينهن، جڏهن سڄو ڪٽنب گهر ۾ هجي .... جانوءَ کي به آمريڪا فون ڪريو ته هوءَ مڙس ۽ ٻارن سان آرتوار تائين پهچي وڃي.'

نند چيو : 'ڊئڊي، مان اڄ ئي برهمڻ کي فون ڪري ٿو ڇڏيان.'

پريداس ڪنڌ لوڏيو. 'برهمڻ جي ضرورت نه پوندي. هون جي سامگريءَ جي به نه. صرف ٻاهه ٻارڻ لاءِ ڪو برتن ۽ ٿوريون چندن جون ڪاٺيون هجن.'

پريداس پنهنجي وڏيءَ فليٽ ۾ دالان نموني هڪ اهڙو ڪمرو ٺهرايو هو، جتي گهر جا سڀ ڀاتي گڏ ٿي ڳالهيون ٻولهيون ڪري سگهن پر گهڻن سالن کان اهو ڪمرو اُجاڙ پيو هو. هون

هاڻ

ڳهٽا
ڇڳائي ڇڪين چوڳا
جهرڪين کي،

طوطن کي
هاڻي سيڪارٽو آهي
پڃرو ٽوڙڻ!

فرق

هنجي ٽِري
ڪيلي جو پتو آهي

جوتشي ڇا ڪندو؟
ڪيلي جو پن
ڳهٽو ڪجهه ڪوري ڪاغذ مثل ٿيندو آهي

ڪاش جوتشي ونسپتي شاستري هجي ها
ته ٻڌائي سگهي ها
ڪيلي جي پن ۽
پپر جي پن ۾ فرق

سوال؟

پريشان ٿي ويندين
جي
مان پڇي وهان
هڪ سڌو سچو سوال
ڪهڙو اٿئي حال؟

لڄ

ڀُوري (سڄي) سفر ۾
ڪائي ته سگهيس روئي
هڙ ٻڌل ٿي رهجي وئي!

رات جو ساڍي ٽين بجي

رات جو ساڍي ٽين بجي
جڏهن مان
ڪويتا لکندو هوندو آهيان
تڏهن
مکيون ڀڻڀڻائينديون آهن
منهنجي جسم تي!

رات جو ساڍي ٽين ٻجي
ڳهٽيءَ ۾ ڪا ماروتي اَچي رُڪي
يا گڏري وڃي ......
ته عجب جي ڪهڙي ڳالهه آ ؟

رات جو ساڍي ٽين بجي
ڳهٽ ۾ ڳهٽ
ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز نه ايندو آ

پر آواز ٿيندو ضرور آ
جڏهن مکيون ڀڻڀڻائينديون آهن
۽ مان ڪويتا لکي رهيو هوندو آهيان!

Village Patora
Zila Betol
M.P.

صدي ٿي ويئي، پر هي سلون لکندي مونکي عجب
لڳو ته سنڌ جا نظارا، سنڌ جون ڳالهيون منهنجي
اندر ۾ وڌيڪ چٽيون ۽ صاف آهن بنسبت هتي
جي نظارن ۽ ڳالهين جي، جتي منهنجي مني
زندگي گذري آهي. اهو اسانجو مٽيءَ جو گهر
جتي اسين رات جو لعللين جي روشنيءَ ۾ پاڇن
سان لڪ چپ راند ڪندا هئاسين، اهو کوهه جتي
اسين سنان ڪندا هئاسين، اهي واريءَ ۽ مٽيءَ
واريون گهٽيون جن ۾ ڪسين مان ايندڙ بانس
هوندي هئي .....

'نه مان توهانکي بور نه ڪندس. مان سلون
۽ پنا ڇڏيندو ويندس ۽ انهن کي باهه ۾ ساڙيندو
ويندس .....'

' ..... اسانجو متلاٽي پاڙو هو، منهنجي تڙ
ڏاڏي جو پورو اولاد، اٺ ڏهه گهر، هڪ ٻئي سان
گڏيل، سيني گهرن ۾ رهندڙ پاڻ کي هڪڙيئي
وڏي جو اولاد سمجهندا هئا.'

'..... ننڍڙي ليڪ جهڙي سوڙهيءَ بزار ۾
اسانجو مٺائيءَ جو ننڍو دڪان هو. منهنجو پيءُ
صبوح جو مٽي تي کومچو کڻي دال ۽ ڪچالو گهر
گهر ۾ وڪڻڻ ويندو هو. هڪ پئسي ۾ پني تي
دال ۽ ٻه ٽي ڪچالو ۽ ان مٿان چٽني. پوءِ هو ڀائرن
سان گڏ دڪان تي وڃي ڪم ڪندو هو .... سالن
بعد جڏهن ڳوٺ ڪجهه وڏيرو ٿيو ۽ اسانجو مٺائيءَ
جو دڪان هلڻ لڳو ته منهنجي پيءُ هيءُ ڪم
ڇڏيو .... اسانجي دڪان جا پيڙا سڄي تر ۾
مشهور هئا، اهڙا نرم جو انهن کي ڏند هڻڻ جي
ضرورت ئي نه پوندي هئي ....'

'..... اسانجي ڳوٺ ۾ صرف مڊل اِسڪول
هو. پنهنجيءَ آکهه ۾ مان پهريون ٻار هوس جو
ٻه کوهه پري وڏي ڳوٺ ۾ هاءِ اِسڪول پڙهڻ ويس.
مان پڙهڻ ۾ سلو هوس پر ڪن دوستن جي سنگ
۾ رولاڪ ٻڻجي ويس ۽ ڪجهه بُريون عادتون به
پرايم. منهنجي ڏاڏي کي الائي ڪيئن ڄاڻ
پيئي، ۽ جڏهن مئٽرڪ ۾ هوس ته مونکي اِسڪول
مان ڪڍائي ڪنهن واقفڪار معرفت ڪراچيءَ ۾
نوڪريءَ ۾ لڳائي ڇڏيائين ...... منهنجي پگهار
تڏهن ٽيهه روپيه هئي ۽ ڪنهن ڏوراهين مائٽ
وٽ رهندو ۽ کائيندو هوس، جن کي مهني مهني
پنڌرهن روپيا ڏيندو هوس .....'

'جڏهن منهنجي پگهار چاليهه روپيه ٿي ته
ڏاڏي مون لاءِ ڇوڪري ڇونڊي ..... هڪ ڏينهن
پوسٽ ڪارڊ مليم ته ٻئي هفتي تنهنجي شاديءَ
جو مهورت نڪتو آهي، موڪل وٺي ڳوٺ پهچ. مون
جڏهن سيٺ کان شاديءَ تي وڃڻ لاءِ موڪل گهري
ته هن منهنجي پنج روپيه پگهار وڌائي. شاديءَ
کان ٽي ڏينهن اڳه مان ڳوٺ پهتس ۽ شاديءَ بعد
ٽئين ڏينهن ڪراچيءَ موٽي آيس .... ان بعد
پنهنجيءَ پگهار جو اڌ ڳوٺ موڪليندو هوس ۽ ٽين
ٽين مهني ٽي ڏينهن موڪل ملندي هئي ۽ ڳوٺان
ٽي ايندو هوس.'

هرهڪ پنو پڙهڻ بعد پريداس باهه ۾
اڇليندو ٿي ويو. باهه جو شعاعُ وڌيو ٿي ۽ پنو اَڇي
مان ڪارو ٿي، رک ٻڻجي ٿي ويو. هُن هاڻي ٻه
ٽي پنا بنا پڙهڻ جي باهه ۾ اُڇلايا ۽ سانت ۾ باهه
ڏانهن نهاريندو رهيو. شايد اندر ۾ اٿندڙ
يادگيرين ۽ اُڌمن کيس هيٺو ڪري ڇڏيو هو. نرس
کيس گلوڪوس پياريو تڏهن به هو ماٺ کيو ويٺو

جو اُتيئي بندوبست ڪيو ويو هو. جانو يعني جانڪي آمريڪا مان پهچي ويئي هئي. هن پيءُ کي پاڪر پائي ڳل سان ڳل ملائي چيو : ’ڊئڊي، سندر اَچي ڪو نہ سگهيو، ڪيس بزنيس جو گهڻو ڪم هو. مون توهان لاءِ تمام اُچو ريشمي گائون آندو آهي. توهانکي اهو پوڄا تي پائڻو آهي.‘

پريداس سامهون بيٺل ڏوهٽي ۽ ڏوهٽيءَ ڏانهن نهاريو. هو اڌ هندستاني، اڌ آمريڪي لڳي رهيا هئا. ماءُ جي سڏ ڪرڻ تي بہ هو ويجهو نہ آيا. اَکيون ڦاڙي هو ناني ڏي ائين نهاري رهيا هئا ڄڻ هو ڪا عجائب گهر جي شيءِ هو.

گهر ۾ سڀني ائين سمجهيو تہ ڪا خاص پوڄا ٿيندي. نند ۽ انيل نئون ريشمي گهاٽي رنگ جو ڪڙتو پاجامو پاتو هو. نونهرن اُڇيون ساڙهيون پائي پاڻ سجايو هو. سندن بدن زيورن سان جهنجهيل هئا. جانو آمريڪا مان پوڄا لاءِ خاص ڊريس وٺي آئي هئي. ٻار ڪنهن جلسي جي موڊ ۾ هئا.

نرس، ڦيٿن واري ڪرسيءَ تي ويٺل پريداس کي وٺي آئي ۽ هون ڪنڊ جي سامهون ڪرسيءَ کي ٻهاريائين. پريداس چوطرف نهاريو. هڪ هڪ چهري تي سندس نگاهون ڪن پلڪ لاءِ رڪيون ٿي وري ٻئي چهري تي پيئون ٿي. هن کي لڳو سڀ بدلجي ويا آهن ڄڻ هو سڄاتل پنهنجن ماڻهن بدران اڻ سڄاتل غير ماڻهن کي ڏسي رهيو آهي.

اوچتو پريداس جو آواز آيو : ’نند، هون ۾ ڪاٺيون وجهہ ۽ باهہ ٻار!

جرڪندڙ روشنيءَ ۾ پريداس جو منهـ روشن ٿي ويو. هو هن گهر جو پاتي نہ لڳي رهـ هو. هن پر ۾ رکيل ٽپائيءَ تان پنا کنيا. گلو صاف ڪرڻ لاءِ کنگهيائين :

’توهان جي من ۾ سوال هوندو تہ هنن پنـ ۾ ڇا آهي. هنن پنن ۾ منهنجي ۽ توهانجي جيون ڪهاڻي لکيل آهي. مونکي خيال آيو هو تـ هي پنا ڇپائي توهان سڀني کي هڪ هڪ ڪاپي پڙهڻ لاءِ ڏيان. پوءِ ياد آيم تہ توهان مان ڪنهنکي بہ سنڌي پڙهڻ ڪانہ ايندي آهي. مون انگريزي ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي پر فتحياب نہ ٿيس پنهنجي اندر جو اظهار ڪرڻ لاءِ مونکي اها ٻولي ڪم آئي جنهن جو مون ڪيترن ڏهاڪن کان استعمال نہ ڪيو هو.‘

’هيءَ پنن جي ٿهي ڏسي ڊجو نہ. مان سڀ پنا ڪونہ پڙهندس، صرف ڪن پنن مان ڪي ٽڪرا پڙهندس ۽ پڙهڻ بعد اهو پنو هون جي باهـ ۾ وجهندس جو مان نہ ٿو چاهيان تہ اسانجي ڪٽنب جي ڪا بہ ڳالهہ اسانجي ڪٽنب کان ٻاهر وڃي. مان توهانکي صرف ايترو ٻڌايان تہ هي پنا مون تڏهن لکيا هئا، جڏهن مان پنهنجي بيڊروم ۾ اڪيلو ۽ دنيا کان ڪٽيل هوس، توهان سڀ مونکي وساري ويٺا هئا.‘

نرس پريداس ڏانهن نهاريو ۽ گلوڪوس مليل پاڻيءَ جا ٻہ ٽي ڍڪ کيس پياريائين.

’مان سنڌ جي هڪ ننڍڙي واهڻ علڻ ديرو ۾ ڄائو هوس. توهان مان ڪنهن بہ سنڌ ڪانہ ڏٺي آهي. توهان نہ سنڌ جو تصور ڪري سگهندا، نہ پنهنجي اَبن ڏاڏن جو. مونکي سنڌ ڇڏئي بہ، اڌ

ڪي اهڙي تعليم ڏنم جيئن وڏيڪ ۽ وڏيڪ پئسو ڪمائي سگهن. ڏيءَ کي آمريڪا پرڻايم. پئسن لاءِ شاهوڪار گهرن مان سندر ونيون ورتم. مان پاڻ کي شيءِ سمجهڻ لڳو هوس ۽ هن گهر جو راجا. هڪ ڏک هو، پارٽي ماڊرن بڻجي نه سگهي، نونهر هن تي کلنديون هيون، ڪڏهن ڪڏهن مان به ان کل ۾ شامل ٿيندو هوس.'

اوچتو پرڀداس جو آواز ٽٽو. هو لڙڪن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. 'اوچتو هوءَ هلي ويئي. موڪلائڻ بنا.'

ڪجهه دير هو ماٺ ۾ رهيو، پوءِ وري پڙهڻ شروع ڪيائين.

'..... گهر ۾ ڪجهه به نه بدليو. مان اڪيلائيءَ کان ڊڄڻ لڳس. ان اڪيلائيءَ کان پاڻ بچائڻ لاءِ مان ڏينهن رات آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لڳس .....'

'... توهانکي خبر آهي انهن ٻن سالن ۾ ڏنڊو پيٽو ٽيٽو ٿي ويو .....'

'.... هڪ رات آفيس ۾ ڪم ڪندي مونکي دل جو دورو پيو ...... مان توهانجو ٿورائتو آهيان ته توهان بهترين ڊاڪٽرن کان بهترين اسپتال ۾ منهنجو علاج ڪرايو ۽ منهنجي سٺي پرگهور لڌي' .... پرڀداس ٽي چار پنا باهه ۾ وڌا.

'..... ڇهه مهنا بعد مان آفيس ويس، جنهن ڏينهن لاءِ مون ڪيترو واجهايو هو .... سڀ ڪجهه بدلجي ويو هو، منهنجيءَ وڏي ڪئبن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٻن وڏي پگهار کڻندڙ ملازمن کي وهاريو ويو هو ....'

'.... پٽن جا اهي لفظ اڃان منهنجي ڪنن ۾ گونجندا آهن. ڊئڊي، هاڻي توهانکي آفيس ۾ اچڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، اسان ڪم سنڀالي ورتو آهي. توهان گهر ۾ آرام ڪيو.'

'....گهر ۾ آرام ڪندي مون ڄاتو ته هاڻ مان نه صرف آفيس جو مالڪ نه رهيو هوس، پر گهر ۾ به ڌاريو ۽ فالتو هوس، جنهنجو گهر ۾ ڪو مُلهه ڪونه هو.....مون پٽن سان شڪايت ڪئي ته هنن چيو ته سنيتا ۽ سشما کي ته فرصت ڪانهي اسين توهانکي نرس رکي ٿا ڏيون. نند ۽ انيل ته ايترو مشغول هئا جو آرتوار ڏينهن به منٽ منهن ڏيکاريندا هئا.'

'.....مان پوري زندگي مشغول رهيو هوس، مون پنهنجي زندگيءَ جو هر پل پئسو ڪمائڻ ۾ ويتيت ڪيو هو، جنهنکي مان زندگيءَ جو سڀ کان اهم ڪم ڪري سمجهندو هوس. مونلاءِ هڪ ڪمري ۾ اڪيلو پيو رهڻ ڪيترو ڏکيو، ڪيترو پيڙا دائڪ هوندو.....'

'.... ۽ ان اسهه پيڙا ۾ ئي مون هي ڪاغذ ڪارا ڪيا...'

اوچتو پرڀداس جي هٿن مان باقي پنا ڪري پيا جي نند ٽپ ڏيئي کنيا ۽ باهه ۾ وجهي ڇڏيا. باهه جو پنيٺ ٻريو - پرڀداس ايترو ٿڪجي پيو هو جو نرس اهو بهتر سمجهيو ته هنکي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وڃي سمهاري. هوءَ ويل چيئر هلائي هنکي پنهنجي بيڊروم ۾ وٺي ويئي.

ڪرسين سرڪائڻ جا آواز آيا ۽ پڙ پڙ شروع ٿي. هار موقعو ڏسي پنهنجي ڪمري ۾ ٿي وي

رهيو. سيني جون اکيون هن منجهه هيون.

هن باهه تان نگاهون هٽايون ۽ چپ چپ سان ملائي آلا ڪيائين.

’.... هڪ ڏينهن اسانکي سنڌ ڇڏڻي پيئي.‘ سندس آواز جي بدلاءَ تي سيني هن ڏانهن نهاريو. ’سڀ اوچتو ٿيو. اسانکي سوچڻ ۽ ڪا رٿا ٺاهڻ جو موقعو به نه مليو. سيني جو گڏ نڪرڻ ممڪن نه هو. منهنجو ڏاڏو گذاري ويو هو. منهنجو پيءُ سيني ڀائرن ۾ وڏو هو ۽ مان پيءُ جي ٻارن ۾ سيني کان وڏو. منهنجيءَ ڀيڻ جي شادي تمام ننڍڙي ۾ ٿي. تڏهن هوءَ صرف پندرهن سالن جي هئي. ان بعد مان وري ان ڀيڻ سان گڏجي نه سگهيو آهيان، هندستان جي الائي ڪهڙي ڪنڊ ۾ آهي. آهي يا مري ويئي ....‘ پرڀداس جو آواز ڀرجي آيو پر هن پاڻ سنڀالي ورتو ....

’....... هڪ ڏينهن مون پاڪي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ پاتو. هڪ بئرڪ جي ننڍي حصي ۾ اسان ڳوٺين جون پٽيون ٺاهي پنهنجو نئون گهر ٺاهيو. ....‘

پرڀداس منهن مٿي ڪري چوطرف نهاريو، پنهنجي خوبصورت محل جيان سينگاريل فلئٽ ڏسندي چيائين : ’اُتي گهاريل زندگيءَ بابت مان توهانکي ڪونه ٻڌائيندس. جو لکيو اٿم اهو پڙهندس ته روئي پوندس ....‘

’..... اُتي مون پنهنجو ماءُ پيءُ وڃايو. اتيئي جانڪي، نند ۽ انيل پئدا ٿيا. اسان ڪئين ڏينهن هڪ ويلي تي گذران ڪندا هئاسين. .....

منهنجا چاچا راجستان طرف ويا ۽ اتي هڪ هٽي کان وچڙي ويا ..... توهان وڏي وڏا ٿيا آهيو پر توهان پنهنجن ويجهن مائٽن جا نالا به نه ٻڌا آهن، انهن جا منهن به نه ڏٺا آهن ....‘

’..... اتفاق سان مونکي خبر پيئي ته جنهن سيٺ وٽ مان ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪندو هوس تنهن بمبئيءَ ۾ ڪوٺي کولي آهي ۽ سلوڪم پيو مليس. .....‘

’..... مونکي خبر نه آهي ته هن دنيا منجهه مٿي چڙهڻ لاءِ محنت ضروري آهي يا نصيب .... سيٺ جي گذاري وڃڻ سان سندس پٽ ڪرسيءَ تي ويٺو. هن ڪيترن اڌ پڙهيل ملازمن کي نوڪريءَ مان ڪڍي وڌيڪ پڙهيلن کي رکيو ...... منهنجو جڃڻ نصيب ڪليو. هاڻ سيٺ بدران مان پنهنجي لاءِ دلالي ڪرڻ لڳس.‘

’پئسو نديءَ جيان وهي منهنجي گهر اچڻ لڳو. مان پاڻ ٽپرس ۾ ڀيس. جڏهن پئسا تجوڙين ۾ بند ڪرڻ کان وڌيڪ ٿي ويا ته مون هڪ بلڊر سان ڀائيواريءَ ۾ ڪنسٽرڪشن جو ڪم شروع ڪيو، اهو ڪم مٽيءَ مان سون ٺاهڻ جيان هو.‘

’....... هيءُ منهنجي جيون جو ٽيون اڌياءُ هو. تڏهن لڳو هوم هيءُ اڌياءُ تمام ڏکيو ۽ تمام اهم هو، پر هاڻ اڪثر بدران درشڪ بڻجي ان رول کي ڏسان ٿو ته اهي ڏينهن به تمام ننڍا ۽ خسيس هئا....‘

’.... زماني جي فيشن انوسار مون اهو سڀ ڪجهه ڪيو جو اڄ ڪالهه سڀ سنڌي ڪري رهيا آهن. وڏي جاءِ فرنيچر سان سجايل، موٽرون، ٻارن

ڪهاڻي/اِندرا واسواڻي

مَنَ چيدُ

بس، ميدان پنيان چڙهي جيئن ئي پهاڙن تي چڙهڻ لڳي تہ ٿڌي هوا دريءَ مان اَندر هلي آئي. هلڪو سيات محسوس ٿيڻ لڳو. پر مزو تي آيو. هلڪا هلڪا ڪبوتري رنگ جا ڪڪر آسمان ۾ ترِيا پئي. دل ٿي تہ جيڪر هٿن ۾ پڪڙي وٺان ڪين! ڪڪرن سان روح رهاڻ ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي مونکي. جڏهن جڏهن بہ پهاڙن تي اَچڻ جو موقعو مليو هئو، بس اِنهن ڪڪرن کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڀري وٺندي هئس پر هو ڏنگن ٻارن وانگر منهنجين ٻانهن مان ترڪي ويندا هئا پنهنجي آلاڻ ڇڏي. هڪ دفعي هوٽل جي دري ۽ اُن جي سامهون وارو در کولي ڇڏيا هئم تہ ڪڪر دريءَ کان اَندر هليا آيا هئا ۽ در کان ٻاهر نڪرڻ لڳا. مون ڪين پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ترسيا ئي ڪون!

بس جهوپو ڪائي ٻيهي رهي هئي. منهنجا خيال ٽٽي پيا هئا. ننڍي چانهہ جي دوڪان اڳيان ماڻهن جو ميڙاڪو گڏ ٿي ويو. بس ۾ منهنجي پرسان ويٺل مونکي اَڪيلو چانهہ پيئندي پڇيو، 'توهين اَڪيلا آهيو؟' مون مشڪي ڪنڌ سان ها ڪئي. سندس زال سري آئي. ڪيڏانهن ٿا وڃو؟

'بئجناٽ' مون جواب ڏنو.

'اُتي توهانجا رشتيدار آهن؟' هن پڇيو.

مون مشڪي نہ ڪئي.

ٻنهي عجب مان پڇيو، 'پوءِ توهين رهندا ڪٿي؟ ڪنهن وٽ ويندا؟'

مون وري مشڪي ڪين ٻنهي سوالن جا جواب ڏنا، 'ڪنهن هوٽل ۾ هڪڙو ڪمرو وٺندس ۽ بہ ٽي ڏينهن گهمڻ ۾ گذري ويندا.'

اُن اِستريءَ پڇيو 'اَڪيلي گهمندينءَ؟' مان ڪلڪ لڳس.

'توهين دهليءَ مان آيا آهيو؟' سندس پتيءَ پڇيو.

'نہ، مان گجرات مان ٿي اَچان.' مون چيو.

اَچا تہ توهين گجراتي آهيو.' اِستريءَ چيو.

'نہ، مان گجراتي بہ ڪونہ آهيان. مان سنڌي آهيان.' مون مشڪي جواب ڏنو.

'اَچا، اَچا، پوءِ تہ توهين ڏاڍا بهادر آهيو. هونئن بہ توهين سنڌي اِستريون ڪافي فارورڊ آهيو. توهين سروس ۾ آهيو؟' هُن چيو

ڏسڻ لاءِ ڀڳا. ننڊ ۾ انيل ناراض هئا تہ سندن ڀيءُ سندن خلاف ڳالهايو هو. نونهر غصي ۾ هيون تہ سندن سهري سندن شخصي جيون تي ٽيڪي ڪئي هئي، جنهنجو ڪيس ڪو اڏڪار ڪو نہ هو، اجايو سندن وقت ضايع ڪري سندن موڊ خراب ڪيو هئائين.

نرس پريداس کي پلنگ تي ليٽايو. فرج مان کير جو پيالو ڪڍي آئي ۽ کيس پياريائين : 'سر، توهان تمام ٿڪجي پيا آهيو. ڪجھ دير اکيون پوري آرام ڪريو.'

نرس آڱرين سان پريداس جي چپرن کي هيٺ ڪيو تہ سندس آڱريون آليون ٿي ويون.

نرس جي اها عادت هئي تہ جڏهن پريداس کي ننڊ هوندي هئي، يا پريداس کي سندس گهرج نہ هوندي هئي تہ هوءَ ڪنڊ ۾ رکيل آرام ڪرسيءَ تي ويهي ناول پڙهندي هئي. پريداس جون بند اکيون ڏسي نرس ناول کنيو ۽ ڪرسيءَ تي ويهي پڙهڻ شروع ڪيائين، پر سندس من نہ لڳو. هن ناول بند ڪيو ۽ پريداس جي پلنگ ويجهو پيل ڪرسيءَ تي اچي ويٺي. گهر ۾ گهري سانت هئي، گهر جا ڀاتي آرتوار جي منجهند جي ننڊ ڪري رهيا هئا يا ڪيڏانهن ٻاهر هليا ويا هئا. پريداس کي پاسو ورائڻ جي تڪليف ٿي رهي هئي، نرس هن کي مدد ڪئي.

نرس سنڌي نہ ڄاڻندي بہ پريداس جي پڙهيل ڪاغذن جو تت سمجهي ويئي هئي. پريداس ڄاڳيو ٿي، سمهيو ٿي. ڄاڳيو ٿي، سمهيو ٿي. شايد هن جي اندر جي پيڙا هن کي آرام ڪرڻ نہ ٿي ڏنو.

سانجهي آئي، نرس جي گهر وڃڻ جي ويل

نرس ڊريسنگ روم مان ڪپڙا بدلائي آئي

موڪلائڻ لاءِ پريداس جي پلنگ وٽ اچي بيٺي

'مان وڃان؟' هن پڇيو. پريداس جلد جواب ڏيئي نہ سگهيو. هو ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهاري رهيا هئا. 'ويجهو اچ' پريداس چيو.

نرس پلنگ سان لڳي بيٺي

'مونکي ڊپ ٿي رهيو آهي.'

'ڇا جو ڊپ؟' سسٽر پڇيو.

'الائي' مريض چيو. 'تون هاڻ نہ وڃ. مونکي ننڊ اچي وڃي، ان بعد وڃجانءِ.'

نرس پلنگ تي وهاڻي نزديڪ ويهي پريداس جي نرڙ ۽ وارن تي هٿ گهمائڻ لڳي. پريداس ٻانهن اڳيان وڌائي. نرس اِشارو سمجهي پنهنجو هٿ پريداس جي هٿ مٿان رکيو.

پريداس جون اکيون بند هيون.

گهڻي دير بعد نرس ڄاتو تہ پريداس کي ننڊ اچي ويئي آهي - هوءَ آهستگيءَ سان پنهنجو هٿ ڇڏائي اُٿي بيٺي. هن پريداس جي چهري ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ بي آواز قدمن سان ڪمري مان ٻاهر نڪري ويئي.

نوڪر پڙدن کولڻ لاءِ صبوح جو ڪمري منجهہ آيو. هن پلنگ ڏانهن نهاريو. هن ڏٺو، پريداس جو بدن اُتي سمهيل هو پر پريداس نہ هو.

5/3, New Palasia
Indore
M.P. - 452001

‘نہ نہ ٻچو، ڇا ٻڇڙو اَٿوَ؟’ مان چوان ٿي.

‘توهين سنڌي پنهنجن ٻارن کي انگريزيءَ ۾ تعليم ٿا ڏيو اِهو نہ سمجهہ ۾ اَچي ٿو ڇاڪاڻ اَڄڪلهہ انگريزيءَ جو واهپو وڌندو ٿو وڃي ....’ ‘سندس زال وچ ۾ ٿي چوي،’ اسان جي فئملين جا ٻار بہ هاڻي انگريزي اِسڪولن ۾ ٿا پڙهن .... سندس پتي وري چوي ٿو؛ ‘پر توهين پنهنجي ٻارن سان گهر ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڇو نہ ٿا ڳالهايو؟ انگريزي يا هندي وغيرہ ۾ ڇو؟’

مان سوچيان ٿي تہ هن کي ڪهڙو جواب ڏيان؟ اِهو سچ ئي تہ آهي. وري سندس پتني چوي ٿي، ‘اسين پنهنجي ٻاشا ۾ مئگزنون گهرائيندا آهيون. اسان جا ٻار اُهي چاهہ سان پڙهندا آهن.’ سندس پتيءَ چيو، ‘توهانجو پنهنجي ڪلچر ڏانهن ڪو خاص شوق ڪونهي؟ ڪو لوڪ سنگيت، لوڪ نرتيہ. ڪي لوڪ ڪهاڻيون؟’ .....

سندس اِستري وري ٿي چوي، ‘هڪ ڀہ دفعو مان پنهنجي ساهيڙيءَ سان گڏ هڪ ڪلچرل پروگرام ڏسڻ ويس. اُتي اَڌ ڪان وڌيڪ پروگرام تہ فلمي گيتن جو هو. سنڌي گيتن تي نرتيہ بہ گڏيل مسيل نموني جا. لاڏن ۾ بہ مزو ئي نہ، ساڳيا ئي ساڳيا. بلڪل ڪو نہ وڻيو مونکي پروگرام!’ مان ڳالهہ کي ٿورو گهمائي چوان ٿي ‘ڀيڻ، اَلڳ اَلڳ پرانتن ۾ رهڻ ڪري اَسان تي لوڪل ڪلچر جو اَثر تہ پوندو ئي. لوڪ سنگيت، لوڪ نرتيہ، لوڪ ڪهاڻين لاءِ پنهنجي زمين جو هئڻ تمام ضروري آهي. اُن لاءِ وطن جي مٽيءَ ۾ ريجهُ هوندو آهي. ورهاڱي ڪانپوءِ پنجابين کي اَڌ پنجاب مليو، بنگالين کي اَڌ بنگال! اَسان سنڌين کي ڇا مليو؟ اَسان کي ورهاڱي ۾ مليون ڪئمپون. اُتان جي ذلت ڀري زندگي. جيڪا بہ اَلڳ الڳ پرانتن ۾. اَهڙين حالتن ۾ بہ سنڌين ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگيو. ڪلهن تي ڪپڙي جون ڳٺڙيون کنيون. گاڏن ۾ سامان ڍويو؛ ٻارن ريلن ۾ ڪئمٽڙا وڪيا، سنڌي مڙدن پٿر ڪٽيا. زالن گهرن ۾ ڪيچا پاپڙ ٺاهي اُهي وڪيا. اَسان جوان ڇوڪريون گهرن کان ٻاهر اَچي ويوسين. خانگي پڙهائي ڪئي، نوڪريون ڪيوسين. مائٽن کي غريبيءَ ۾ مدد ڪئي. ننڍن ڀائرن ڀينرن کي پڙهايو، ڪيترين ڇوڪرين اِن ڪري شادي ڪو نہ ڪئي. اِها سنڌي قوم ئي هئي جنهن اَهڙين حالتن ۾ محنت ڪري پئسو ڪمايو. دوڪان کوليا، ڪارخانا فئڪٽريون کوليون. ڏنڌي مان پئسو ڪمايو. .... گهرن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ جو سوال رهجي ويو. هونئن بہ مان ڪهڙو جواب ڏيئي سگهان ها؟ ‘منهنجو پتي،’ هن جي اِستري فخر سان ٿي چوي ‘ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن سنڌي دوستن سان بہ اَهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي.’

‘پوءِ تہ ڀاءُ مونکي اِيترو ڳالهائڻ جي ضرورت ئي ڪو نہ هئي.’ مان اُداس ٿي چوان ٿي، ‘تڏهن بہ ڪلچر کي سنڀالڻ جي ڪوشش تہ آهي.’

‘مونکي لڳي ٿو توهان جي ورهاڱي جي درد توهان جي زخمن کي اُڌيري ڇڏيو آهي.’

‘ها، اُهي ڪرنڊ لهي ويا آهن.’ مان چوان ٿي. ‘شايد زخم پورا نہ ڀريا آهن.’

‘ڀيڻ مونکي معاف ڪجو پر، ايترو سڀ هوندي، منهنجو مطلب آهي تہ توهان سنڌين جو هتي ڀارت ۾ ڪو گهٽ ڪانٽريبيوشن ڪونهي. ڌرمشالائون، اِسپتالون، اِسڪول ڪاليج، فلم اِنڊسٽري، دماغي ماڻهو بہ هوشيار ڊاڪٽر، وڪيل،

'ها، مان هڪ وڏي ڪمپنيءَ ۾ پي - آر
- او آهيان. سو چيم ڪجهه ڏينهن موڪل وٺي
پهاڙن تان گهمي اچان. هڏو آئم، بئجناٿ هڪ
سلو ننڍو پهاڙي شهر آهي جنهن جي وچمان
جهرڻا پيا وهندا آهن. چوڌاري ساوڪ به ڏاڍي
آهي.' مون چيو.

'ها، ها، سو ته آهيئي. پر اِن کان ته توهين
نئنيتال مسوري يا سملا هليا وڃو ها، اُتي ته
گهڻيئي سيلاني ايندا آهن.' هن سڄڻ پرش چيو.
'اُتي اڳي ويئي آهيان پر اڄڪلهه اُهڙين هِل
اِسٽيشنس تي ڏاڍي پيڙ ٿي رهي. مون کي
ايڪالٽ کپي' مان ڪلان ٿي. 'توهين سنڌي
اِسٽريون تمام رسورسفُل آهيو. جلدي سيني سان
هري مري وڃڻ واريون' اُن اسٽريءَ فرمايو.

مان سندس اکين ۾ نهارڻ لڳس- هوءَ ٿورو
سهمجي ويئي. پر سندس پتيءَ ڏاڍي ديرينائيءَ
سان ڳالهه کي سنڀالي ورتو. چيائين، 'هن جو
مطلب آهي ته توهين سنڌي جتي به ويندا آهيو
اُتي پنهنجن سلن رليشنس سان سيني سان
جلدي اَئجسٽ ٿي ويندا آهيو.'

'ڀائي صاحب' اِئين جي نه هجي ها ته
اَسين اَڄ ڪٿي جا به نه هجون ها.' مان پنهنجي
جاتيءَ جي بچاءَ ۾ ٿي چوان. 'اِنهيءَ اَئجسمينٽ
ته اَسان کي ڀارت جي ڪند ڪند ۾ وسايو آهي.
نه ته هڪ بي وطن قوم، جنهنکي راڄنيتيءَ جڙُن
کان اُکوڙي هيڏانهن هوڏانهن ڦٽو ڪري ڇڏيو اُها
قوم ڪٿي ٿانئيڪي ٿئي ها؟ اَڄ ته سڄو ڀارت
اَسان جو ملڪ آهي.'

بس ڪنڊڪٽر جي سيٽيءَ جي آواز تي
سيئي بس ۾ چڙهڻ ٿا شروع ڪن. ٿڌ ٿوري وڌڻ
لڳي آهي. مون ٿيلهي مان هڪ هلڪي شال ڪڍي
پاڻ کي ويڙهي ڇڏي آهي. منهنجي پاسي ۾ وي
اُن اسٽريءَ شال کي ڇڳيءَ طرح ڏسي چيو، 'هي
پرت گجرات جو آهي؟ تمام سٺي پريل شال آهي
توهين سنڌي ڏاڍا شوقين آهيو.'

مان ڪلندي چوان ٿي، 'ڀيڻ، شوقين ماڻ
ته سيني جاتين ۾ ٿيندا آهن. شايد سنڌين
شوق جلدي ظاهر ٿي پوندا هوندا. اڇا توهين
ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟'

'اَسين بئجناٿ کان هڪ ڳوٺ اڳي
لهنداسين. اَسين هتان هماچل پرديش جا ٿي
آهيون.' سندس پتي جواب ٿو ڏئي.

'منهنجو هسبنڊ ريلوي ۾ آهي ۽ بدلي ٿين
ڪري اَسين ڪيترن ئي شهرن ۾ رهيا آهيون
کي سنڌي ڪٽنب اَسان جا پاڙيسري به آهن.
مون ڏٺو آهي ته هو جلدي هري مري ويندا آهن
توهين فئشن جي ڪري به ته مشهور آهيو.' هوءَ
اِستري ڪجهه ريس مان ٿي چوي.

مان وڏو ٽهڪ ٿي ڏيان.

سندس پتي چوي ٿو، 'هونئن منهنجي
پتني تمام سادي هئي اَسين پهاڙي ماڻهو گهڻو
ٺاٺ باٺ ڪو نه رکندا آهيون. پر هن جي هڪ
سنڌي ساهيڙي آهي بس اُن جي سنگت ۾ هيءَ
به فئشن ڪرڻ سکي ويئي آهي.'

اِستري پنهنجي پتيءَ ڏانهن گهوري ٿي
نهاري.' آهڙو ڪهڙو ٿي فئشن ڪيان جو شڪايتون
ٿو ڪرين!'

'ڀيڻ جي هڪ ڳالهه چوان توهان کي؟
توهين برو ته نه مڃيندا!'

هو سڄڻ پرش پڇي ٿو.

ورهاڱي جي جنهن درد کي مان محسوس ٿي ڪيان - نئين پيڙهي ڪيئن محسوس ڪندي؟ هوُ اهڙي قسم جي ڪوٽ به چو محسوس ڪندا يا شايد اڳتي هلي ڪَنِ! يا اَسين ڪنهن وهم ۾ پيا ٿا هلون؟ ڪي وڏي عمر جا انٽيليڪچوئلس برابر اَڄ جي حالتن سان دکي ٿيندا هوندا پر باقي سنڌي ته پئسي ڪمائڻ ۾ ئي لڳا پيا آهن. هنن لاءِ زمين جو هئڻ يا نه هئڻ؛ ٻوليءَ جو بچڻ يا نه بچڻ ڪا معنيٰ ڪو نه ٿو رکي. پئسو ايترو اُنهن مٿان حاوي پوندو ٿو وڃي جو هو هندستان ڇڏي ولايت جي ملڪن ڏانهن وڃي رهيا آهن. الائي ڪٿي ڪٿي سندن پاڙون ڦهلبيون وينديون. هتي هندستان ۾ هو گجراتي سنڌي، مدراسي سنڌي، مرهٽا سنڌي يوپيءَ جا سنڌي هاڻي اميريڪن سنڌي، برٽين جا سنڌي، ڪئناڊا جا ۽ دبئيءَ جا سنڌي، پر سنڌ جا سنڌي نه عجب آهي جنهن ملڪ جا اَسين اَصلي سنڌي آهيون اُتي اسان کي اَڇڻ نٿا ڏين! سنڌ ڪانسواءِ اَسين ڪٿي به پاڪي وسائي سگهون ٿا. پنهنجي ڪلچر کي وڃائي سگهون ٿا. پنهنجي ٻوليءَ کي وساري سگهون ٿا. سالن کانپوءِ جڏهن اسان جي سڃاڻپ ٿيندي ته اَسين سنڌي ضرور سڏباسين، پر اَسان جون ماتر ڀاشائون سنڌيءَ کانسواءِ باقي اَنيڪ هونديون. گڏيل مسيل ڪلچر هوندو پوءِ به اسين دعويٰ ڪنداسين، ته اَسين موهن جي دڙي جا وارث آهيون؟ سنڌو گهاٽيءَ جي سڀيتا جا مالڪ آهيون؟!

مون به ڪيترا دفعا اِها ڳالهه محسوس ڪئي آهي ته هندستان ۾ سنڌين جيترو ڪانٽريبيوشن ڪيو آهي، اوتري عزت اُنهن کي ڪو نه ٿي ملي. جڏهن چوندا! 'نانگ ۽ سنڌي ڏسو ته پهرين سنڌيءَ کي ماريو' - جڏهن چون ته 'سنڌي چور آهن - هنن هندستان ۾ اَچي پنهنجي بزنيس سان لوڪل ماڻهن جي بزنيس کي نقصان پهچايو آهي' پر اِها چوري ڪيئن ٿي؟ اِن ۾ ته ڏنڊي ڪرڻ جو ڏانءُ آهي. محنت ضروري آهي. سنڌي سدائين گهٽ ڪمائيءَ مان خوش نه رهندو. گاڏو هلائيندو ته ڪمائي ڪئبن کوليندو، وري وڏيڪ ڪمائي دوڪان کوليندو. اُن مان به جي سنتوش نه ٿيندس ته ڪارخانو کوليندو - فئڪٽريءَ جو مالڪ ٿيندو. پر پنجاهه سالن کانپوءِ لوڪل ماڻهن ۾ اَچان به سنڌين لاءِ همدردي يا دل ۾ جاءِ ڏيڻ جهڙي ڳالهه پيدا ڪو نه ٿي آهي. مونکي سمجهه ۾ ئي نٿو اَچي ته آخر اِن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. شايد ٿورائيءَ ۾ هجڻ، يا گهٽي ٽانٽ ننگر سان رهڻ، يا پئسي خرچڻ جو ڏيکاءُ ڪرڻ - فئشن به اِن جو هڪ ڪارڻ ٿي سگهي ٿو پر اِن سان ڪنهن کي نقصان ته ڪو نه ٿا پهچائين سنڌي! ۽ پوءِ لوڪل ماڻهن کي شايد جيڪو ٿورو گهڻو حسد ٿئي اُن مان سندن ڪلچر يا ٻوليءَ جهڙن مسئلن کي ڪٽي هو سنڌين تي نڪتہچيني ڪندا ٿا رهن.

اوه! پهاڙن تي اَچڻ جو مزو ئي وڃائي ڇڏيو اِن اِستريءَ! نه، هڪ ڪري منهنجي من چيد به ته ٻڌايو ته اَسين سنڌي پنهنجي ڪلچر ۽ ٻوليءَ کان ڪيئن پري ٿيندا پيا وڃون. اُن لاءِ ڪنهن کي ڏوهه ڏجي؟ ورهاڱي کي يا اِتهاس کي؟!

'ٻهن جي ٻئجنات آ گيا.' ڪنڊڪٽر مونکي خيالن مان جاڳائي ڇڏيو.

THX-23
Adipur-370205

پروفيسر، وڏا بلڊرس جرنلسٽ پوءِ بہ .... پيڻ
معاف ڪج .... پوءِ بہ ....' سندس اِستريءَ وچ ۾
چيو،

'سنڌين لاءِ اِئين چو ٿو چيو وڃي تہ سنڌي
چور آهن! اُنهن کي عزت سان چو نہ ٿو ڏٺو وڃي!'

'اِن کي توهين حسد نہ چوندا؟ توهان کي
خبر آهي تہ سنڌين جي آدمشماري ڀارت ۾
ڪيتري آهي؟ صرف چاليهہ پنجاهہ لک - هڪ
ڪروڙ بہ نہ - ڀارت جي ڪُل آدمشماريءَ جو هڪ
سيڪڙو بہ نہ! ايترا ٿورا ماڻهو جي گهڻي ترقي
ڪندا تہ اُها تہ صاف ظاهر ٿي پوندي نہ! ۽ شايد
لوڪل ماڻهو اِن ڳالهہ کي ......شايد نہ بہ برداشت
ڪري سگهيا هجن ...... ايترو تہ توهين مڃيندا
تہ سنڌي دماغي آهن ...... سيني سان راهي
رسائيءَ سان هلي سگهن، جهڳڙو نہ ڪندا، سٺا
ڌنڌو ڪندڙ آهن، پئسو ڪمائي ڄاڻن تہ خرچي
بہ ڄاڻن ......' سڄڻ پرش تہ کلي ٿو پر سندس
اِستري شايد اُن ڳالهہ کي بہ هضم نہ ڪري سگهي،
اِهو مون محسوس ڪيو.

'توهان شادي ڪيل آهيو'؟ هوءَ پُڇي ٿي.

'نہ' منهنجو هڪ اکر جو جواب

'چو؟ وري سوال

'مان ورهاڱي جي اِتهاس جي ڪهاڻي
آهيان'. ۽ ٺهڪ ڏيئي چوان ٿي 'لوڪ ڪهاڻي'
شايد منهنجي اکين ۾ ڏري گهٽ پاڻي اَچي وڃي
ها، پر سندس هئي سوال سان اُهو رهجي ويو.

'توهان جون سنڌي ڇوڪريون تہ هين
ڄاتين ۾ بہ شادي ڪن ٿيون،' هن چيو

'اَسان جا سنڌي ڇوڪرا بہ تہ هين ڄاتين
جي ڇوڪرين سان شادي ڪن ٿا. ڳالهہ تہ مڙي
ساڳي آهي نہ؟' هوءَ وائڙن وانگر مون ڏانه
نهاري ٿي. سندس پتي ڪنڌ لوڏي هامي ڀر
ٿو.

بس جهوبو کائي بيهي ٿي رهي. 'اَڙ
ڳالهين ۾ خبر ئي ڪو نہ پيئي، اَسان جو ڳو
اَچي ويو.' اِستريءَ چيو

'پيڻ وقت هجيئي تہ هڪ ڏينهن اَسان
ڳوٺ بہ ڏسي وڃ' اُن سڄڻ پرش چيو، مون صرف
ڪليو ۽ هو ٻئي لهي ويا.

مسافري بہ عجيب آهي. ڪٿان ڪٿان
مسافر کڙيون کڙيون ڳالهيون. نہ ڄاڻ
سڃاڻپ پر ڪيئن ڳالهين پنيان ڳالهيو
نڪرنديون ٿيون وڃن. منهنجي من جا تهن پنيا
تهہ لهندا ٿا وڃن. ڪنڊڪٽر جي سيٽي ڏيان ٿ
ڇڪائي. بس هلڻ لڳي آهي.

منهنجو من هاڻي وري ويچارن ج
گهيري ۾ گهيرجندو ٿو وڃي. اَسين پاڻ کي موهن
جي دڙي جا وارث سڏائيندڙ، سنڌو سڀيتا ج
مالڪ چوائيندڙ پنهنجي وارثن کي ورثي ۾ ڇ
ڏيئي ويندا اسين؟ اَڄ نئين ٽهيءَ جا ٻار تہ ڄڙ
هندستان ۾ بہ رهڻ نٿا چاهين ...... جن جا پيء
ڪٿي ڪوڙيل ئي نہ هجن اُهي تہ ڪٿي بہ پا
کي وسائڻ ۾ تڪليف محسوس نہ ڪندا. ڪير
پنهنجي ورثي جي خبر آهي؟ ڪڏهن تڪليف
وٺي اِنهن ڳالهين ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي اَٿائون
مان من ۾ چيد ٿي ڪيان. سنڌي ٻولي؟ ڪيترن
گهرن ۾ ڳالهائي ويندي آهي؟ اِسڪول بند ٿيندا
ٿا وڃن. اَنگريزي اِسڪول سٽجندا ٿا وڃن
منهنجو من ڪِڄندو ٿو وڃي. لوڪل ماڻهن کي چ
سمجهائي ڇا سمجهائبو.

ٿئي، تئن وڻجاريءَ جو هيانءُ بہ اُٿل پُٿل ۾ آهي. ٻيڙيءَ جي ونجھ کي پاڪر پائي، هوءَ ٻيڙيءَ کي روڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿي ۽ پئي سُڏڪا ڀري. شاھ جي لفظن ۾ :

ڏٺي ڏياري، سامونڊين سِڙهہ سنباهيا،
وجهيو وَرُ وَنجھ کي، روئي وڻجاري،
مارينديءَ ماري، پرھ سُوَر پرين جو.

اي مُئي وڻجاري! هُن جي وڃڻ ڪان پوءِ، پرڀات جي پهر ۾، هُن جي وڇوڙي جا سُور جاڳي اُٿندا (۽ جئن ڪاٺ کي اُڏهي، تئن توکي سُور کائيندا)

ويچاري وڻجاري، دل ئي دل ۾ پاڻ کي چوي ٿي، تہ هِن وڻجاري سان جنهنجو ساگر سان سنبڌ آهي، جنهنجو وطن ئي سمنڊُ آهي، اُن سان مون لائُون ڪئن لڌيون؟ وري بہ شاھ صاحب جي لفظن ۾ :

جي تون وڻجارو ڪانڌ، تہ مون هَڏِ مَ لائون لڌيون
پرڏيھ متي سانگُ، اَٽ ئي پهر جنهن ڪيو.

وڻجاريءَ جو هيانءُ ڦِسي پيو آهي، سڏڪا ۽ سسڪيون ڀريندي، پڳھ کي پڪڙي چوي ٿي، او وڻجارا مان توکي مُور نہ وڃڻ ڏيندس. جي هئن وڃڻو هوءِ تہ مون سان شادي ئي ڇو ڪيئہ؟ پر واپاري وِرتيءَ وارو وَرُ، وَنيءَ کي هٽائي، ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پوي ٿو ۽ ٻيڙو هاڪارجڻ لڳي ٿو. ڏيري ڏيري اُهو نظر کان غائب ٿي وڃي ٿو.

سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
رُئان، رهن نہ سپرين، آيل ! ڪريان ڪيئن؟
مونکي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري !

او آيل، منهنجي ماءُ، مونکي چيئن تي، چڪيا تي چاڙهي منهنجو وڻجارو ٻيڙيءَ کي هاڪاري هليو ويو. هاڻي تہ سڄو بندر ئي سڃو ٿي پيو. نہ تڙ تي ٻيڙا، نہ وڻجارن جون وايون آهن، هي منهنجون پاڙي واريون، منهنجي سيني ۾ سڪ جا سَل ٿي پيا آهي، [illegible] جي پيار جا چاڪ پيا چڪن. ڦوڙائيءَ جا [illegible] مونکي لڇائي رهيا آهن.

هِن حالت ۾ بہ هيءَ نماڻي نار (سنڌياڻي سَتي)، اندر ۾ [illegible]ي پائي، پنهنجي وڇوڙي جو ڏوھ، پنهنجي [illegible]ند، گهوٽ کي نہ ٿي ڏئي، پر اهو ڏوھ [illegible] پاڻ تي ٿي مڙهي ۽ سوچي ٿي تہ منهنجو [illegible]جارو تہ مونکي پيار ڪندو آهي، هوُ سپاجهو نين آهي، ضرور منهنجي قرب ۾ ئي ڪا ڪچائي هوندي، نہ تہ منهنجي ٻيني، هُو ٻيڙيءَ جا پڳھ ڇوڙي نہ هليو وڃي ها. شاھ جي لفظن ۾ :

مُو اُپي تڙ وٽ، پريُن پڳھ ڇوڙيا،
ڪا مون ۾ ئي گهٽ، نہ تہ سڄڻ سپاجها گهڻو

وڻجاري دل ئي دل ۾ سوچي ٿي تہ هِنن وڻجارن کي نند توڙي جاڳ ۾ لنڪا جو سون پيو اَکين آڳيان ڦري. اُن جي لاءِ جان جو جوکم کڻي، ڪارونڀار ۾ ڪاهي پون ٿا. منهنجو وڻجارو تہ ويو آهي سمنڊ کي جهاڳڻ هو ستت واپس ڪئن ورندو؟ هوُ تہ مون مسڪين سان ڪنهن وڏي ڀاڳ سان ئي مِلي سگهندو. اِن ڪري ويوڳڻ وڻجاري، وڃي جل تي ڏيا ٿي ٻاري، وِٽن تِڻن تي جهنڊيون ٿي چاڙهي، درياھ شاھ تي اڪا ڦلا ٿي چاڙهي ۽ دم دم دعائون ٿي ڪري تہ شل وڻجارو سيگهہ ۾ سُکَ سان، واپس وري. هتي شاھ لطيف جهوليلال، ورڻ ديوتا جي پوڄا ڏي بہ اِشارو ڪري ٿو، جا پوڄا ڀارتي سنڌين جي سڀاڻپ تي پئي آهي. وڻجاري بہ سوچي ٿي تہ جي لال سائينءَ جي پوڄا نہ

شاهه جو سُرُ ساموندي

اَلڙ اُمنگن جو اظهار

’او منهنجي سَسُ، تون پنهنجي واپاري (وڻجاري) پُٽ کي وڃڻ نہ ڏي، هن کي روڪي وهار. اڃا هاڻي تہ هوُ ساموندي سفر ڪري، ٻارهن مهينا ٻاهر رهي مَس مَس آيو آهي ۽ اَڃڻ سان ئي هوُ وڃڻ جون وايون ڪري رهيو آهي! او وڻجاري جي ماءُ، هھڙي شاديءَ کان مان ڪنواري ويٺي هجان ها تہ بهتر ٿئي ها. اِهو ڪهڙو انصاف آهي جو گهوٽ پنهنجي جوان ڪنوار کي، سا بہ ڦوهه جوڀن ۾، ڇڏي سفر جا سانباها ٿو ڪري؟ منهنجي سَسُ هُن کي روڪ، روڪ.‘

هي آهن نازڪ جذبا ۽ اَلڙ اُمنگ هڪ نئُورني استريءَ جا، جيڪي شاهه لطيف پنهنجي سُر ساموندي ۾ ظاهر ڪيا آهن. جئن شاهه پنهنجن وڌيڪ مشهوُر سُرن، سهڻي، راڻو (مومل)، ليلا چنيسر، مارئي، سسئيءَ ۾ اِستريءَ جي اُمنگن جو اظهار ڪيو آهي، تئن هِن گهٽ مشهور سُر ساموندي ۾ بہ ڪيو اٿس. شاهه پنهنجي ڪلام ۾، پارسي ۽ عربي پرمپرا کان پري رهي، هندي ڪوتا ڦلواڙيءَ ۾ پهچي ويو آهي، جتي اڪثر ڪوي، پاڻ کي اِستريءَ جي روپ ۾ پيش ڪندا آهن. پر شاهه هڪ عظيم شاعر آهي. هن هندي ڪوتا جي دوهن ۽ سورٺن کي ڦيرائي، انهن کي سنڌي روپ ڏيئي بيتن يا ڏوهيڙن جي صورت ۾ پيش ڪيو ۽ سنڌي وايُون بہ لکيون. شاهه صاحب جون ڄاتل سڃاتل ۽ لوڪ پريہ سوُرميون آهن سسئي، سهڻي، مارئي، مومل ۽ لِيلا. پر سُر ساموندي ۾ مان هڪ اَنامي دلپذير سورميءَ جو درشن ڪريان ٿو، جنهنجي چِتن اُمنگن ۽ اُٻاٽيل اَپلاشائن جي من موهيندڙ تصوير چٽي شاهه صاحب ڪمال ڪري ڇڏيو آهي.

هِن سوُرميءَ جو گهوٽ هڪ وڻجارو (واپاري) آهي. هوُ ساموندي سفر جو هيراڪ آهي. ڪيس واپار ۽ سون ميڙڻ جي چوُس آهي. هُن کي پنهنجي ساماڻيل پر ڪمسن ڪنوار جي سيني ۾ چلندڙ چولين جي ڪهڙِي ڪَل؟ جو واپار جي چڪي ۾ چَريو تنهنکي پيار جو ڪهڙو پتو؟ جنهنکي ساگر سدائين پيو سڏ ڪري، اُهو گهر ۾ ڪئن ٿو گهاري سگهي؟

ڏياريءَ جو ڏِڻ، ٻينَ لاءِ تہ خوشيءَ جا خزانا کڻي ايندو آهي. پر ويچاري وڻجاريءَ واسطي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ٿو کڻي اَچي. هاڻي ئي تہ وڻجارو سفر جو سانباهو پيو ڪري. ٻيڙيءَ کي تيل مَکائي، لاجوُ لڳائي، جهنڊين سان سينگاري، سُڪيءَ زمين تان هٽائي، پاڻيءَ ۾ داخل ڪرائي ٿو. جئن ٻيڙو پاڻيءَ جي مٿان، هيٺ مٿي پيو

ديوان عبداللطيف شاه ڀٽائيءَ جو

شاه جي رسالي جو پهريون ڇاپو سنڌ ۾ نه پر جرمنيءَ جي لپسيا شهر مان سنه ۱۸۶۶ع ۾ برطانيه سرڪار جي مدد سان شايع ٿيو. اهو اڄ تائين ٽرمپ جي نالي سان جڙيل آهي حالانڪ حقيقت اها آهي ته هن اهو پاڻ نه ترتيب ڪيو يا سوڌيو پر هڪ هوشيار پڙهيل ڏيهي عالم به قلمي نسخا پيٽي اهو نسخو تيار ڪيو. ڊاڪٽر ايڇ. ايم گربخشاڻي لکي ٿو ته 'افسوس جو نسخن مقابل ڪرڻ جو ڪم پنهنجي سر نه ڪيائين' (مقدمہ لطيفي - ص ۲۲۵ - ۲۲۶). ڊاڪٽر جي راءِ موجب 'ڏيهي صاحب انهن نسخن جو پورو قدر نه ڪيو .... نسخن جون ڪيئي پڙهٽيون 'ڏيهي صاحب کي سمجهڻ ۾ نه آيون آهن جن جي بدران خود ڪشيديون پڙهٽيون ڏنيون ويون آهن'

هاڻي نه ٽرمپ صاحب ان ڏيهي عالم جو نالو ڏنو آهي ۽ نه ڪنهن به محقق تحقيق ڪئي ته اهو ڏيهي عالم ڪير هو؟ هندو يا مسلم؟ قطعي ڪجھ به ڄاڻائي نه سگهبو سواءِ انجي ته ان جي پريس ڪاپي (ڪٿي ته ضرور هوندي) هٿ ڪئي وڃي. نه وري ڪنهن تلاش ڪئي آهي ته ٽرمپ صاحب کي ڪهڙا به قلمي نسخا هٿ آيا ۽ اهي هينئر ڪٿي آهن. اهڙن ناياب نسخن کي جرمنيءَ ۾ ڳولڻ کپي. پڪ سان چئي سگهبو ته جي نسخا هٿ آيا آهن تن ۾ اهي ڪينهن.

اهي قلمي نسخا ۽ سندن ڪتابت ٽرمپ جي decipherment کان ٻاهر هئا جنهن ڪري هن ڏيهي عالم جي مدد ورتي. حقيقت ته اها آهي ته اهو رسالو، ڪڏهن به چئي نه سگهبو، ته ٽرمپ جو تصحيح ڪيل يا تيار ڪيل آهي. افسوس آهي جو ٽرمپ صاحب ان ڏيهي ودوان جو نالو به نه کنيو آهي جا ڳالھ ٺيڪ ناهي. سنڌ ۾ عالمن کي ۽ جي هٿ چند تحقيق ۾ رڇي رکندڙ آهن، تن کي پورو پتو آهي ته 'سنڌي شبد ڪوش' جا پنجابيءَ تيار ڪئي هئي سا تاراچند ڳاجرا کي وکي هئي ۽ انکي غلطيءَ وچان تاراچند جي سڏيو وڃي ٿو. ليڪ مسڪين حالت ۾ مجبور ٿيو پوي جو پنهنجي خون سان لکيل ڪرتيءَ کي چند ڏوڪرن لاءِ وڪڻي ڇڏي. عالم آشڪار آهي ته صديق ميمڻ جي سنڌ جي ادبي تواريخ سندس ڪو نه لکيل آهي، پر ٻئي ڪنهن جي (نالو نٿو ڏيان). ساڳيءَ طرح چيو وڃي ٿو ته مرزا قليچ جي نالي جي ڪتاب ڇپيل آهن، سي به ڪن ٻين جا ترجمو ٿيل آهن.

اسين جن کي ٻولين جا ماهر سمجهون ٿا ۽ اهي جي پوربي علمن جا استاد (خاور شناس يعني Orientalists سڏجن ٿا)، سچ پچ عالم ناهن پر پئسو ڏيئي مقامي عالمن کان اهڙا ڪتاب لکرائن ٿا ۽ پنهنجي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪن ٿا - اهڙن کي جيڪر Pseudo- Orientalists يا مسترشق نما سڏجي ته بهتر. هاڻي ٽرمپ صاحب

ڪنديس، تہ من جي مراد ڪڏهن پوري ٿيندي؟

جا جَرَ جاڻون نہ ڏئي، ڏيا نہ موهي،
سَڏون ڪوهہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون؟

جاڻون معنيٰ ياترائون، پوڄائون.

نيٺ جڏهن تڏهن ڪري وقت نبرندو ٿو وڃي. هاڻي اُتر جي هَوا لڳڻ شروع ڪيو آهي. هِن مند ۾ درياهہ تي سَر (ڪانا) ۽ خاص گاهہ اُسري ويا آهن. لوهيڙن جي وڻن ۾ ڳاڙها گل بہ نڪري رهيا آهن. ڇا منهنجي وڻجاري کان اِها ڳالهہ وسري وئي هوندي تہ هيءَ ئي مُند آهي وطن ڏي واپس ورڻ جي.

سَرَ، لوهيڙا ڳِيا، ڪُسَرَ نِسرِيا،
تو ڪئن وِسريا، ڍوليا! ڏينهن اَچڻ جا؟

سوچي ٿي تہ جي هو ايندو تہ ڇاتيءَ سان چنبڙي روح رچنديون ڪنديس.

جيڪر اچي هاڻ تہ ڪريان روح رُچنديون،
آيَلِ! ڍولئي ساڻُ، هوند ڳَرِ لڳي ڳالهيون ڪريان.

اڳتي هلي هوءَ سوچي ٿي تہ ڇڙو پيار ڇو، مان تہ هُن سان جهڳڙا بہ ڪنديس تہ ڪيڏو نہ مونکي سڪايو اٿئي.

آيل! ڍولئي ساڻُ، اَچي تہ جهيڙيان.
لايئہ ڏينهن گهڻا، مون سان ڪيئہ ٿورڙا.

پر تڏهن بہ ڍوليو واپس نہ ٿو وري تہ هوُءَ هين ساموندين کان وڃي پنهنجي وڻجاري بابت پڇي ٿي تہ او ساموندي، تو منهنجو وڻجارو ڏٺو ڇا؟ ساموندي چويس ٿو تہ پنهنجي پريتم جو ڪو ڏس پتو ڏينم، تہ چويس ٿي تہ هُن جي لِڪ يعني چيلهہ سنهي آهي، نڪ سڌو اٿس ۽ اکين ۾ ڪجل جو شوقين آهي.

سنهي لَڪِ، نَڪِ سنئين، ڪجل ڀِنَنِ نيڻ،
ساموندي! مون سيڻَ، ڪِ تو ڪالهہ لنگهائيا.

صرف ساموندين کان نہ، پر ڪانگن سان ب... وڃي ڳالهيون ڪري ٿي. ڪناري تي بيهي هو... ڏسي ٿي تہ پريان سڄاتل ٻيڙو اَچي رهيو آهي... هوُءَ اُن جون جهنڊيون بہ سڃاڻي سگهي ٿي... خوشيءَ ۾ جهومندي چوي ٿي:

چمڪِيوُن چوڏار، ڏَجوُن ڏاڙيچن جون،
ماءُ ! ساموندي آئيا، سهسين ڪري سينگار،
اُنهن جي پچار، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري

او منهنجي سَسُ، اُنهن ڏاڙيچن، شاهوڪار... وڻجارن جي ٻيڙي جون جهنڊيون چوڏاري چمڪي رهيون آهن. وڻجاري جي ورڻ جي لات ڪانءُ... ڪالهہ کان ئي ڪان ڪان ۾ ڪري رهيو آهي. منهنجو وڻجارو اَچي ويو، اَچي ويو.

مطلب تہ شاهہ پنهنجي سُر ساموندي‌ءَ ۾ هڪ جوين ونت ور کان وڇڙيل نوراني نار جي اُمنگن ۽ اُڌمن جو بيان نهايت ئي باريڪيءَ ۽ خاص خوبيءَ سان ڪيو آهي. شاهہ جي ٻين ڪيترن سُرن کي پڙهندي، گهڻا پاڻ تمثيل، يعني درشٽانتن جي دنيا ۾ پهچي ويندا آهن ۽ روحاني راحت حاصل ڪندا آهن، پر هِن سُر ۾ شاهہ اهڙي ڪابہ رمز يا تمثيل ڪانہ رکي آهي. پڙهندي، اَلڙ اُمنگن ۽ اَلبيلن اُڌمن جي تصوير اکين ۾ ترڻ لڳي ٿي. اُن ڪري سُر ساموندي مونکي ڏاڍو پيارو لڳي ٿو.

17, Maitri - 3A
Adipur - 370205

برف جو نهيل (غزل) - واسديو موهي

غزل جي تخليقي ۽ تخريبي پهلوءَ جي پس منظر ۾ واسديو موهيءَ جي غزليه شاعريءَ کي پرکڻ عبث آهي. شاعريءَ جي هڪ مشهور نقاد جي راءِ موجب ’غزل هڪ وحشي صنف آهي‘. مان ان رايي سان نه رڳو پوريءَ ريت سهمت آهيان پر ان کان به اڳتي وڌي ائين سمجهان ٿو ته شاعريءَ ۾ سلاست ۽ Lucidity غزل جي وڏي ۾ وڏي دشمن آهي، نه رڳو خيال جي سطح تي پر ڊڪشن ۽ ٻوليءَ جي سطح تي پڻ.

ان جو هڪ چٽو ۽ واضع مثال سنڌي غزل ۾ سدا حيات شيخ اياز جو ’گيڙوءَ رتو غزل‘ وارو تجربو هئو، جيڪو سنڌ خواهه هند ۾ غزل گو شاعرن مان ڪنهن ڪي به قبول نه پيو- اياز جي گيڙوءَ رتو غزل جا شروعاتي ڪجهه بند هن ريت هئا:-

پويون پهر جدائي جاڳ
اُڀ ۾ چندرما جي آگ
آس اسونهان رڻ ۾ رات
مٺان اڇي پيئي پريات

سٺ ستر بندن جي هن گيڙو رتي غزل ۾ گهڻ گرج ته تمام گهڻي هئي پر وسي ڪٿي ڪا بوند به ڪانه -

واسديو موهيءَ جي غزلن کي مان گيڙوءَ رتي غزل جي خاني ۾ ته نٿو رکان پر هن جي غزلن جي ٻوليءَ جي سلاست واري پهلوءَ کي خيال جي موسيقيت سان هم آهنگ ڪري ٿو بيهاريان ۽ خيال ۽ لرسزم جو جيڪو رل مل احساس واسديو موهيءَ جي غزل واري شاعريءَ ۾ اُڀري بيٺو آهي، ان جو جهٽيل تاثر اظهار هيٺ آڻيان ٿو -

واسديو موهيءَ جي ايڪونجاهه غزلن تي ڦهليل مجموعي ’برف جو نهيل‘ جو مجموعي تاثر حيران ڪندڙ حد تائين Soothening آهي - مجموعي جي مُهر ۾ واسديو موهيءَ جي هيءَ سٽ :-

’انهن ڪٽن کي
جن ۾ مان پگهرجندو آهيان ....‘

پڙهي مون ڀريون چرڪ ڀريو - نئين ڪوتا جي نمائينده شاعر واسديو موهيءَ جي نئين ڪوتا جي هيءَ سٽ، غزل جهڙي موزون شاعريءَ جي مجموعي ۾ بنا ڪنهن ٽنبي ٽوٽيءَ جي هيئن ٽنگي ڇو پيئي آهي؟ ڪنهن دوَر ۾ مون به غزل کي گهٽو ئي گهوٽيو آهي ۽ ڪڏهن اهڙا

تي اچون ٿا. هو سنڌيءَ جو عالم نہ هو. ڪو پڇندو تہ هن سنڌي گرامر لکيو جو ۱۸۷۲ ۾ جرمنيءَ مان ڇپيو. ٽرمپ صاحب ڌرم پرچارڪ (Missionary) هو. ياد رهي تہ هن آدي گرنٿ جو انگريزي ترجمو بہ سرڪار يا چرچ مشن جي سرپرستيءَ هيٺ ڪيو سو بہ ٻين گرنٿين جي مدد سان. هنجو مقصد اهو نہ هو تہ علم لغات لاءِ اتساهہ پيدا ٿئي پر اهو تہ برطانيہ سرڪار ۽ چرچ مشن لاءِ هو پرچارڪ ثابت ٿئي.

سنڌيءَ جي ناليري محقق ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي لکڻ موجب (ڏسو رچنا انڪ ۲۵، جنوري - مارچ ۱۹۸۵) ٽرمپ صاحب 'نہ فقط سنڌي لکي پڙهي سگهندو هو پر ان ۾ چڱي طرح گفتگو ۽ تقرير بہ ڪري سگهندو هو' مونکي خبر ڪونهي تہ اها ڳالهہ هن صاحب ڪٿان هٿ ڪئي. ڪيس حوالو ڏيڻ کپندو هو. منهنجي سمجهہ موجب جيڪي بہ ڪم هن ڪيو آهي سو مڪاني عالمن جي مدد سان جن جو هُو نالو ڪڻڻ لاءِ بہ تيار ڪونهي. اسين ائين سمجهڻ لڳون ٿا تہ هو عربي، پشتو، گرمکي، سنڌي وغيرہ ڀاشائن جو عالم هو ۽ وڏو نحوي (Grammarian) هو. ها ڪيس ڀاشائن ۾ رُچي هئي، پر اهو بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ هو ڌرم پرچارڪ هو ۽ ڪرسچن چرچ مشن جو هڪ پوئلڳ.

آخر ۾ مان جيٽلي جي ليک جو ذڪر ڪرڻ واجب سمجهان ٿو تہ هن محنت ضرور ڪئي آهي تہ ٽرمپ جي باري ۾ سنڌين اڳيان هنجو مفصل پريچيہ ڏجي. هن هڪ ننڍي (؟) غلطي ڪئي آهي جو صفحہ ۳۶ تي لکيو اٿس تہ ٻن ڏيهي عالمن جي مدد ورتي هئس. حالانڪ گربخشاڻي صاحب هڪ ڏيهي ڪالم لکيو آهي.

جيٽوٽيڪ گربخشاڻيءَ لکيو آهي (ڏسو مقدمہ ص ۲۲۶) تہ 'ڪيترن سالن کان ٽرمپ صاحب جو رسالو اڻ لڀ آهي ۽ جيٽلي صاحب کي بہ سُڌ ڪونهي تہ ان پهرين ڇاپي جا ڪيئي نسخا ڪٿي نہ ڪٿي ٿي سگهن ٿا. ڊيڪن ڪاليج ۾ بہ نسخو آهي پر مونکي ڪنهن اطلاع ڏنو تہ اتي ڪونهي. برٽش ميوزيم لئبرريءَ ۾ آهي. مون وٽ ان جو نسخو ننڍي هوندي کان هو جو مون اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور ۾ ڏنو آهي. مون وٽ پورو هو پر انجا پنا ڪٽل آهن. اڻ ڄاڻائيءَ وچان اهي پنا ڦاڙيا ويا، آگ ۾ ڀسم ٿيا. مونکي پڪ ناهي پر سمجهانٿو، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ وٽ بہ هو، پر هاڻي خبر ناهي اهو ڪٿي وڃي محفوظ ٿيو. هيو انجو نسخو بہ Times of India جي پاسي هڪ ادارو آهي جتي موجود آهي.

ڄاڻن کي عرض آهي تہ انکي ٽرمپ جو تيار ۽ تصحيح ڪيل رسالو نہ ڪوٺن. ها، اهو هنجو سرڪاري مالي سهايتا سان ڇپيل ضرور آهي. ڪاش ان ڏيهي ودوان / عالم (هندو يا مسلم) جو نالو کوج ڪري سگهجي. ٽرمپ وارو رسالو چوڻ فاحش غلطي آهي.

سهايڪ پستڪ :
۱. مقدمہ لطيفي - ڊاڪٽر گربخشاڻي
۲. رچنا-۲۵ (جنوري - مارچ ۱۹۸۵)
۳. مشرقين ۽ سنڌي - پلو

B-48/189, Sidharth Nagar
Goregaon , Mumbai - 400104

آهي تہ غزل جي ٺهڪيل، تراشيل، ترار جي ڌار جهڙي تکي ۽ تيز ٻولي - ٻولي ۽ ڏکشن خالص نئين ڪوتا جو آهي ۽ ڍانچو ۽ فارم ٺهڪيل غزل جو آهي.

شاعريءَ ۾ عام طور ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ خاص طور نئون فڪر ۽ خيال، نئون سوچ غزل يا ٻي موزون صنف واري پابند شاعر کي آزاد نظم يا مڪت ڪوتا طرف مائل ڪندو آهي پر واسديو جي حق ۾ نئين سوچ ۽ فڪر هن کي غزل طرف ان ڪري رجوع ڪيو آهي جو واسديو موهيءَ پنهنجن تجربن، آزمودن ۽ شاعراڻي Process مان سالن جي ساڌنا ذوران گذرندي پاڻ ۾ اهي قوتون ۽ صلاحيتون پئدا ڪري ورتيون آهن جو ڪنهن گهري ۾ گهري، پيچيده کان پيچيده خيال کي ٻن سٽن جي هڪ بند ۾ گرفت ڪري سگهڻ لاءِ هن کي هاڻي ڪنهن ذهني ورزش جي ضرورت نہ رهي آهي.

اوسيڙو عمر ير ڪا نئين ڳالهہ تي وڃي
وڃ واري پٽ مان، هٿ اچي هٿ سان ملي وڃي!
توکي خبر ئي ڪهڙي، تپت ڪيڏي مرڪ جي
سيني جي برف، منٽ ۾ وگهري وهي وڃي!
ڪوڏر بجاءِ هاري ڪهاڙي کان ڪم وٺي
وحشت جا ٻج ڦٽن ۽ ڪئين سِر لٽي وڃي!
بم گولا ڪارتوس ڪٽي ٿو گهمي جو شخص
ڪنهن ٻار جي اکين ۾ ڏسي، ڪجهہ لهي وڃي!
تنهنجي اکين جي ٻولي ڪٿي هڪڙي ئي هجي
معنيٰ نئين، لغات نئين ڪا نهي وڃي!
من ۾ ائين بہ آيو چمتڪار ڪو ڪريان
بس صرف اک کڻان ۽ سڄي پٽ پُري وڃي!

ليڪراج عزيزي قسم جي تنقيد ۾ بحر خفيف بوَ زن مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن ۾ چيل هن غزل جي مطلع جي مصرع اول ئي وزن کان ڪريل آهي، پر هتي مون موهيءَ کي ڇاپي جي غلطيءَ يا اک ڏرڪي وڃڻ جو Benefit of doubt ڏيئي مذڪور مصرع کي درست ڪري درج ڪيو آهي - مان هتي فاعلاتن ۽ واهياتن واهيات قسم جي تنقيد کي خارج ڪري، ڇهن بندن تي ٻيلل مذڪور غزل ۾ موهيءَ جي خيال جي وسعت ۽ Verstility کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان - پهريون بند

اوسيڙو عمر ير ڪا نئين ڳالهہ تي وڃي.
وڃ واري پٽ مان، هٿ اچي هٿ سان ملي وڃي!

هڪ خالص ۽ نيٽ رومانوي خيال آهي، جنهن ۾ اوسيڙي جي اڻ تڻ ۽ اوجاڳن هڪ نئين تفصيل ۽ تصور جي خوبصورت تصوير ڪشي ڪئي آهي. ان تصور کي رمز ۽ ڪفايت سان تمام discreet ۽ Subtle انداز سان پيش ڪيو آهي. ساڳئي ئي سوچ واري سٽ شيخ اياز جي هڪ غزل جي مطلع آهي.

ديوار ڍهي تہ ملان توسان -

۽ ٻئي طرف موهيءَ جي approach وڃ واري پٽ مان هٿ اچي هٿ سان ملي وڃي. هتي منهنجي مراد ٻن همعصر يا هڪ سينئر ۽ ٻئي جونير شاعر جو تقابلي جائزو وٺڻ بنهہ ناهي. مون رڳو اهو چٽو ڪرڻ چاهيو آهي تہ موزون شاعريءَ جو هڪ نمائينده شاعر ڪيترو نہ direct آهي ۽ ٻئي طرف غير موزون شاعريءَ معرفت يا ماتحت موزون شاعريءَ طرف مرندڙ شاعر وٽ ڪيتري نہ شاعراڻي discretion آهي.

غزل جو ٻيو بند :-

دوَرا اچا بہ پوندا آهن - پر ان دوَر جو غزل واسديو
موهيءَ جي غزل کان فارم کي ڇڏي، Content
جي لحاظ کان نہ رڳو مختلف آهي پر اوپرو، اڇوتو
۽ الڳ ٿلڳ آهي ۽ ڪنهن حد تائين انوکو ۽ اجاتو
پڻ آهي.

آڏيون ڦڏيون لڪيرون پڙهي مات ٿي وڃي
ڪارين اکين ۾ ڇانو ڏسي مات ٿي وڃي
هو برف جو نهيل آ پگهرجي ڦُڙو ڦُڙو
پُڻ پُڻ ڪري بہ لفظ چئي مات ٿي وڃي
پنهنجي زمين کي پلي پُلجي چڪو آ هو
آڏو اچي وچيس ندي مات ٿي وڃي
ڪَڻ ڪَڻ ٿيڻ جو درد بيابان کان پڇ
بادل اچي، ڪنوي ۽ گجي مات ٿي وڃي
احوال ڪنڌرن جو ٻڌي نيٺ ڇا ڪندو
پنهنجي اڱيان ئي شيشو رکي مات ٿي وڃي

'برف جو نهيل' مجموعي جو هيءُ پهريون
غزل نہ رڳو ڌيان ڇڪائي ٿو پر ڪنهن ڪنهن بند
تي ڇرڪائي بہ ٿو - مون هيءُ غزل بہ پيرا
پڙهيو-پهريون پيرو موزون جي ٻڌڪشن جي
Lyricism جو لطف ماڻڻ لاءِ. مون کي لڳو تہ هڪ
وهندڙ درياھ آهي، جنهن جي وهڪري جو هڪ
سرءُ وارو سانتيڪو روپ آهي ۽ هر سٽ هڪ ڇولي
آهي جيڪا سانتيڪي نموني ڇُلندي ٿي رهي پر
پوءِ بہ اُن ڇوليءَ جو سانوٽيءَ وارو ڇوھ ڪٿي آهي؟
غزل جهڙي وحشي ۽ ڇنائيءَ واري صنف سخن
۾ هيءَ جهرڻي واري ڪَل ڪَل ڪهڙو رخ وٺي
بيهندي؟

ٻڌڪشن جي Lyricism کي لنوائي،
Lyricism of thought خيال جي موسيقيت جو حظ
حاصل ڪرڻ لاءِ ساڳئي ئي غزل کي مون ٻئي پهلو
کان پڙهيو ۽ مون کي لڳو تہ خيال جي موسيقي
ٻڌڪشن جي موسيقيءَ تي حاوي آهي. ۽ اها
حقيقت منهنجي ذهن ۾ چٽي ٿي اڀري تہ
واسديو موهيءَ جو نئين ڪوتا کان غزل تائين موٽ
جي سفر جو جوازُ ڪهڙو آهي. ڇا هن پنهنجي
مکت ٿيل نئين ڪوتا کي غزل جهڙي صنف
سخن جي ڍانچي ۾ پابند ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي آهي؟

ڪڏهن ڪڏهن اسانجو خريد ڪيل مال گم
ٿي ويندو آهي پوءِ اسين ان مال جون رسيدون
سنڀالي رکندا آهيون. واسديو موهيءَ جي غزليہ
شاعري ڪٿي اهي سنڀالي رکيل رسيدون تہ ناهن
- ورنہ هو بنا لائيف بيلٽ جي غزل جي گهري
پاڻيءَ ۾ بي ڊپو ٿي ڇو لهي آيو آهي؟

پنهنجو وهنوار ڪجھ ڦٻيو ڪونهي
پير، ٻئي پير سان هليو ڪونهي.
ڏاڍي اوندھ جمع ڪئي آ هن
روشنيءَ جو ذرو بچيو ڪونهي.
مرڪي مرڪي ڪري ٿو ڀاشڻ هو
راز هن جو اڃا هليو ڪونهي.
نعرا ڊپ، پڇ پڇان ڳنڍيل جهوپا
ڪنهن ڇيو ڳوٺ هي وڌيو ڪونهي.
هر سروٽي تي رَت جو آهي داغ
ڪوسَ جو پيو ڪو سڳ مليو ڪونهي.
ڪيڏي ڇُپ! ڇڻ ڪٽي نٿو ڪو ساھ
ڪوئي لشڪر هتان لنگهيو ڪونهي.

موهيءَ جي هن غزل جون هي سٿون نئين
ڪوتا جا نوان images ، نئين ذهنيت، نئون تصور
۽ نئين تصوير اپاري بيٺيون آهن - رڳو نہ اپري

چشڪيدار نمونو ڏنائي ۽ جي مصرع مان الف ڪري ته ان کي اُٿاري ڪڙو ڪري بيهارڻ سچ پچ روايتي شاعريءَ جي حدن اندر اچي ٿا وڃن، جنهن کان اسانجي مشاق شاعر سائين هري دلگير کي سخت چڙ آهي ۽ عزيز صاحب جهڙي غزل گو شاعر کي سخت لڳاءُ هئو - موهيءَ اهڙين روايتن کان پنهنجو پلاند آجو رکيو آهي.

روز مره جي زندگيءَ جا آزمودا، آنيو، تجربا، وارداتون، moments ۽ happennigs (ڪارگذاريون) واسديو موهيءَ جي غزليه شاعريءَ جو هڪ شفي Possative پهلو اجاگر ڪن ٿا، برعڪس نئين ڪوتا جي ٻين همعصر شاعرن جي، جيڪي زندگي ۽ سوچ جي نفي ۽ قنوطي پهلوءَ کان ڪڏهن پاند ڇڏائي نه سگهيا آهن - موهيءَ جا اڪثر سهج ۽ سهنجا آهن، جيڪا هن جي شاعريءَ طرف واڌو سڄاڳي به آهي ته سچيتائي به - جتي جتي هن وٽ پراڻا خيال به پهتا آهن ته اهي نون حوالن ۾ ٿي واضح ٿيا آهن - اهو برابر آهي ته ڪن پراڻن خيالن ۾ موهيءَ پنهنجي جديد سوچ ۽ ذهنيت ڪري بدلاءُ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر اها ڪٿي جي ڪامياب ٿي آهي ته اڪثر ناڪام پڻ رهي آهي.

مڇان تو تير زهريلو ٿيل آهي
اسانجي سيني تي پٽر رکيل آهي
ڪڏهن ڪنهن ڳالهه جو مٺو ڏنو توکي
شروع کان منهنجو چَپُ تي چَپُ چڙهيل آهي
زماني سان شڪايت سيني ڪي هوندي
سڏين واٽن تي هرڪو ئي هريل آهي
لِڪي ڪاٽي لِڪي ڪاٽي تو هڪ نالو
هٿي ڪنهن سان نه خود سان ڪاوڙيل آهي.

ايڪونجاهه غزلن مان اهڙا ڪي اڻ ڏهه غزل آهن، جن ۾ اها رواني ۽ سهڄتا يا نفاست نه رهي سگهي آهي يا ڳولهڻ لاءِ ذهن تي زور ڏيڻو پوي.

مون کي ڄاڻ نه آهي ته واسديو موهيءَ غزل جي قاعدن قانونن ۽ علم عروض جو ڪيترو اڀياس ڪيو آهي يا هن باقاعدي ڪنهن استاد غزل گو شاعر کان اصلاح به ورتو آهي پر يقينن هو عروضي شاعريءَ جي قاعدن کان concious يا با خبر ضرور آهي ورنه هو غزل جهڙي صنف سان ڪڏهن به مهاڏو نه اٽڪائي ها ۽ جي دليري ڪري اٽڪائي به ها ته پنهنجي شڪست جي احساس کان پويان پير ڪري ها -

پر واسديو موهيءَ وٽ شڪست جو ڪو به احساس نه آهي - جئن هو نئين ڪوتا ۾ Comfortable رهيو آهي تئن آهستي آهستي غزل ۾، ڪجهه گهٽ ئي سهين، at ease ٿي رهيو آهي.

باقي هو اڳتي هلي غزل ۾ Master of Diction ٿيندو يا Master of Dictionary اهو واسديو موهيءَ جي اڃا تخليق ٿيندڙ غزليه شاعري ئي ٻڌائيندي.

افبروي ١٩٩٨

(هيءُ پيپر اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي زير سايع آديپور ۾ ڪوٺايل ٣١ جنوري ۽ ١ فبروري ١٩٩٨ جي تنقيدي بيٺڪ ۾ پيش ڪيو ويو هو.)

توکي خبر ئي ڪانهي تپت ڪيڏي مُرڪ جي
سيني جي برف منٽ ۾ وگهري وهي وڃي!

ڪرهندڙ دل جي پل پل جي پيڙا، مُرڪ جي تپت، سيني جي برف جو وگهري وهي وڃڻ، اکين جو زهر ڦڙو ڦڙو ٿي ٽپڪڻ جو عذاب ڀوڳڻ ڪانپوءِ ئي ان قسم جي شعر جي تخليق ممڪن ٿي سگهي ٿي.

ها، هتي اسان کي وَهي وڃڻ جهڙي expression تي ڪو اعتراض ان ڪري نہ آهي جو اها موزون شاعريءَ جي مجبوري آهي، ورنہ 'وَهڻ' ۽ 'وهي وڃڻ' ۾ وڏو تضاد آهي. غزل جي ٽئين بند:

'ڪوڏر بجاءِ هاري ڪهاڙي ڪان ڪم وٺي
وحشت جا ٻج ڦٽن ۽ ڪئين سِر لٽي وڃي.

وقت جي وير ۾ وهي ويل، مدي خارج نام نهاد ۽ بدنام زمانا شاعريءَ وارو ترقي پسند خيال آهي - هتي وحشت لفظ جو غزل جي وحشت سان ڪو واسطو نہ آهي بهرحال، ان تي وڌيڪ ڪجهہ بہ چوڻ جي ڪا گنجائش ئي نہ آهي.

هينئر مان ان غزل جي حاصل غزل بند تي ٿو اچان.

'بم گولا ڪارتوس ڪٽي ٿو گهمي جو شخص
ڪنهن ٻار جي اکين ۾ ڏسي ڪجهہ لهي وڃي.'

ارسطوءَ جي چوڻي آهي تہ 'هڪ معصوم ٻار جي مرڪ ۾ هن سڄيءَ ڪائنات جو جيڪو رهسيہ سمايل آهي، ان جي وضاحت مون کي سوَن سياڻن جي قولن ۾ ڪٿي نظر نہ آئي آهي.' غزل جي هڪ بند جي ٻن سٽن ۾ استاد ارسطوءَ جي قول جي ڪُوزي بندي واسديو موهيءَ جي فني ماهريت سان گڏو گڏ غزل جهڙي صنف جي فن جي مشترڪ ڪماليت پڻ آهي. انهيءَ ئي حوالي ۾ مون کي فنا ڪانپوريءَ جي غزل جو هڪ بند ذهن ۾ بار بار اڀرندو آهي :-

موت ڪيا هئہ زماني ڪو سمجهائون ڪيا
اکِ مسافر ڪو رستي ۾ نيند آ گئي.

مون کي لڳندو آهي تہ اسانجي گيتا جي گيان جو تَتُ هڪ غير معروف غزل جي ٻن سٽن ۾ ڏري گهٽ سمائجي ويو آهي -

واسديو موهيءَ جي نين ڪوتائن جا اڳيان مجموعا تضاد ۽ صبوح ڪٿي آهي ۽ مٽڪو ڪوتائن جو مجموعو، هي مقالو لکڻ وقت مون وٽ موجود نہ آهن. جي هجن ها تہ مان موهيءَ جي شاعريءَ جي سفر جو سلسلو جوڙي سگهان ها ۽ غزليہ شاعريءَ طرف هن جو واڌو لڳاءُ، يا ان جي ضرورت جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهان ها پر 'برف جو نهيل' پڙهڻ بعد مان سمجهان ٿو تہ شاعريءَ جا جيور واسديو موهيءَ جي رَتَ ۾ رچيل آهن، ورنہ نئين ڪوتا جو شاعر غزل ۾ پاڻ کي اوپرو ۽ اجنبي محسوس ڪندو رهي ها. حالانڪ ان جي برعڪس بنيادي طور غزل جو شاعر پاڻ کي نئين ڪوتا جي محاذ تي ايترو اوپرو محسوس نہ بہ ڪري.

واسديو موهيءَ جي غزل واري شاعريءَ جي سڀ کان وڏي خوبي هن جي مختصر بياني ۽ لفظن جو سنجم Economy of words آهي، جنهن جي نتيجي طور هن جي غزليہ شاعريءَ جا مبهم عنصر وڌيڪ گهرائيءَ سان اڀرن ٿا - مان مڃان ٿو تہ غزل ۾ ڪو نئون نقطو پيدا ڪرڻ ڪا وڏي شاعري ناهي - وڏي شاعري اها آهي تہ نقطو پيدا نہ ڪري بہ خيال جي گهرائيءَ کي هڪ بلنديءَ تائين پهچائي سگهجي. قافيا ۽ رديف

'مونکي جيون ساٿي کپي، هڪ ڏياوان مالڪ نہ، مونکي گھر کپي، جنهن کي مان پوري طرح سان پنهنجو گھر چئي سگهان. ڪنهنجي ديا ڪري ڏنل آسري جي مونکي ڪا ضرورت ڪانهي ...... معاف ڪجو ماستر صاحب! توهان کي هڪ سهاري جي ضرورت آهي، جيڪو مون کان سواءِ شايد ڪا بہ استري توهان کي ڏيئي سگهي ٿي. پر مونکي هڪ ساٿيءَ جي ضرورت آهي جيڪو هر پرش ٿي نٿو سگهي!'

'شفاف ڳوڙها' جي استري پاتر نرمل، ڊاڪٽرن، انجنيرن، وڪيلن، پروفيسرن کي ريٽي هڪ ليکڪ شيام کي پنهنجو جيون ساٿي چوندي ٿي، جو هن ٻڌو آهي تہ ليکڪ نهايت ئي حساس دل، ٻين جي ڀاونائن جي قدر ڪرڻ وارا هوندا آهن.

پر هيءُ ڏنڌوڙي ذهنيت وارو سنڌي ليکڪ شيام، بلڪل ئي بي حس، پٿردل، اڻ گهڙيل ڪاٺ آهي. هن کي ڪڏهن بہ اهو سوچڻ سمجهڻ جي ضرورت نٿي محسوس ٿئي تہ سندس گھر ۾ هڪ عورت آهي جيڪا سندس پتني آهي، اُن طرف بہ سندس ڪي فرض آهن، هن جا بہ ڪي حق آهن.

ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ڪمزور آهي. نرمل ودروھ ڪري گھر ڇڏي وڃڻ بجاءِ، زندگيءَ سان سمجهوتو ٿي ڪري. پنهنجي هستيءَ کي مٽائي، باقي عمر شفاف (گونگا) ڳوڙها ڳاريندي ٿي رهي. ٻين ڪهاڻيءَ جيان ليکڪا کي نرمل جو سؤايمان جاڳائي هن جي واتان چوائڻ گهربو هو :

'معاف ڪجو ليکڪ صاحب! توهان کي هڪ پتنيءَ جي نہ، گھر جي ڪم ڪار لاءِ هڪ نؤڪرياڻيءَ جي ۽ همبستر ٿيڻ لاءِ هڪ وئشيا جي ضرورت آهي. مونکي تو جهڙي ڪاٺ جي بنڊ بجاءِ اهڙي جيون ساٿيءَ جي ضرورت آهي جيڪو مون سان گڏ نون نون اُفقن جي تلاش ۾ اننت آڪاش ۾ اُڏامي!'

'محبت جو مينهن' ڪهاڻيءَ جي استري ڪردار چترڪار آهي. قدرت جي گود ۾ پلي آهي. پنهنجي من جي ڪئنواس تي هن ڪيترائي موهيندڙ چت چٽيا هئا، اُنهيءَ ساٿيءَ جا، جيڪو هن سان ساگر ڪناري، جبلن جي چوٽيءَ تي، وڏن وڏن ميدانن ۾ ساڻ هوندو. جنهن سان هوءَ ساگر جي سمهيل ڪنارن تي، جاڳندڙ وڻن هيٺان ويهي روح رهاڻ ڪندي.'

پر ڪيس ملي ٿو اهڙو پتي جنهن کي رڳو پارٽيون، پڪچرس، ڪلب، ڊانس پيارا آهن. جنهن کي ساگر جي لهرن جي سنگيت ٻڌڻ، يا پهاڙن جي چوٽيءَ تي ويهي، وادين ۾ پڙاڏا ڪندڙ خاموشيءَ جو انهد ناد ٻڌڻ وارا ڪن ڪونهن. هو ڪيس چڙ ڀبندي چويٿو 'انهن سڀين جاين تي توکي مزو اچيٿو تہ تون ڀلي وڃ ....'

پنهنجي پتيءَ جي ڪٺور وهنوار کان ضربجي سندن من چيخي چلائي ٿو 'نہ نہ. هي توهين نہ، پر توهان جي من ۾ لڪل پرش جو اهم چئي رهيو آهي جو صدين کان استرين کي پنهنجي مرضيءَ موجب موڙڻ تي هريل آهي ۽ پنهنجو تِر جيترو جهڪڻ بہ هن کي پنهنجي

’محبت جو مينھن‘ (ڪھاڻيون) - مايا راهي

(ڇپائيندڙ ٻيسٽ سنڌي سڀا-بمبئي - ۱۹۹۷)

ڊسمبر ۱۹۸۲ ۾ شايع ٿيل ايشور ڀارتيءَ جي ڪھاڻي سنگرھ ’ڀھاڙ‘ جي مھاڳ ۾ مون لکيو هو:

’چند سالن جي مانائيءَ بعد سنڌي ڪھاڻي کيتر ۾ ڪيئي نوان چھرا پنھنجي مخصوص سڃاڻپ سان مٿي اُڀري آيا آھن. نامديو، ناري پدم، تيرٿ چانڊواڻي، اِندرا واسواڻي ۽ ايشور ڀارتي. اِنھن ڪھاڻيڪارن مصنوعي پلاٽ نگاري، ڊيکاو واري لفظي قلابازي، ۽ اُڌاري فلسفي پرستيءَ کان سنڌي ڪھاڻيءَ جو ڇلاند آجو ڪري، انيو جي سطح تي زندگيءَ سان سڌو سنئون اکيون ملائڻ جي جرئت ڪئي آهي. سنڌي ڪھاڻي اڄ ترقي پسند، رومانوي، اُلٽ رومانوي پڙاو پار ڪري، تيزيءَ سان سچيتن حقيقتواد طرف وک وڌائي رهي آهي.‘

۱۸ سالن بعد مونکي اھو ڏسي خوشي ٿي ٿئي تہ گذريل ٻن ڏھاڪن ۾، مٿي ذڪر ڪيل ڪھاڻيڪار سنڌي ڪھاڻيءَ جي کيتر ۾ ڪافي سرگرم رهيا آھن. ھن سال ئي شايع ٿيل ’رچنا‘ جي خاص ڪھاڻي انڪ ۾ بہ موجود آھن. ھنن سان ٻہ ٻيا بہ نالا جڙي ويا آھن، ٻنسي خوبچنداڻي ۽ مايا راهي. مونکي قوي اُميد آهي تہ ايندڙ صديءَ جي ٻن ڏھاڪن ۾ ٻيا بہ ڪيئي نوان ڪھاڻيڪار اُڀرندا ۽ سنڌي ڪھاڻيءَ کي پوسٽ ماڊرنزم جي مئجڪ ريئلزم جي دؤر جو سئر ڪرائيندا.

مايا راهيءَ جي ھن پھرين ڪھاڻيءَ جي مجموعي ’محبت جو مينھن‘ ۾ سندس نوَ ڪھاڻيون شامل آھن. استريءَ جي دک سک جي ھنن ڪھاڻين کي مايا اُن ھر عورت کي ارپيو آهي جنھن جيون ۾ پُرش ھٿان گھڻو ڪجھ سھي بہ سڦلتا ڀاتي آهي. (پنھنجي خودداري برقرار رکي آهي.)

’ھڪ استري‘ ڪھاڻيءَ جي پرش ڪردار کي اھو گھمنڊ آهي تہ استريءَ کي سندس آسري ۽ سھاري جي ضرورت آهي ۽ ھوءَ پاڻمرادو اُن جي ٻيڪہ پنڻ لاءِ ھن وٽ ڪھي ايندي. پر ھوءَ سندس اھو گھمنڊ چور چور ڪندي چوئي :

وڏيل هٿ کي ڪرائيءَ کان جهلي ورتو ۽ پڪي آواز ۾ چيائين ’خبردار!‘

مايا جي هيءَ ڪهاڻي پڙهي منهن مان اَزخود ’آفرين!‘ نڪري ٿي وڃي. ته هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت کي بولڊ بڻائي، پرش جي اکين تان انڌ جو پڙدو هٽايو آهي. ساهت ۽ ڪلا جو اهو ئي اُديش آهي، انساني ذهن جي اونداهين ڪنڊن کي اُجاگر ڪرڻ. ’خبردار‘ ڪهاڻيءَ ۾ موضوع ۽ هئيت جي هم آهنگي اُن کي ڪلاتمڪ بڻائي ڇڏيو آهي. هيءَ ڪهاڻي ٻين ڀاشائن ۾ بہ ترجمو ٿيڻ جي صلاحيت رکيٽي.

’سرٽيفڪيٽ‘ ڪهاڻيءَ ۾ پونم جو پتي ۽ سس، سندس ٻڌونءَ ۾ هڪ پرائي پرش جو فوٽو ڏسي هن جي چرتر ۾ شڪ ٿا آڻين ۽ سزا طور سندس مانيءَ جو حصو بلئڪي (ڪاري ڪُتيءَ) کي کارائي ٿا ڇڏين. شاديءَ بعد گذريل ڇهن سالن ۾ سندس هر ننڍي وڏي گناه بدولت کيس اها ئي سزا ملندي آئي آهي. ۽ هوءَ اهي سزائون سهي بہ سگهنا (!) پائيندي آئي آهي؟ هن جي من ۾ مڙس لاءِ حقارت اوس ٿي پيدا ٿئي ’هيءُ ڪهڙي قسم جو گهوٽ آهي. جنهن جو پتنيءَ ۾ تر جيترو بہ وشواس ناهي، جو ماڻُ جي چوڻ تي لڳي، هن جو هيءُ حال ڪري رهيو آهي!‘

هن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ بہ مايا هندي فلمن وارو ڪرشمو ٿي ڪري ڏيکاري. ڇهن سالن کان هن سان اهڙو گندو وهنوار ڪندڙ مڙس هڪ ڪِن ۾، بنان ڪنهن جاٿايل سبب جي ڏاڪوءَ مان والميڪ رشي ٿو بڻجي وڃي. پونم کي وشواس جو، سلي چرتر جو سرٽيفڪيٽ ٿو ڏئي ۽ هوءَ شايد موت ۾ هن مٺان محبت جو مينهن ٿي وسائي.

’هيرو‘ ڪهاڻي ۾ بينا جو پاڻُ هيرو هڪ اڻ گهڙيل ٻي ڊولو پلر ٿو ثابت ٿئي. پنهنجي پيئڻ جي خون پسيني جي ڪمائيءَ مان ورتل فلئٽ پنهنجي جوءِ جي نالي ٿو ڪري ڇڏي. ڇا تہ وشواس هو ماڻُ ۽ ڌيءَ جو پنهنجي هن لاڏلي هيري ۾ ۽ موٽ ۾ ڪهڙو نہ وشواس گهات ڪيو هن ٻنهي سان. هن ئي ڪهاڻيءَ ۾ ڪمائيندڙ زال ساڏنا جي بئنڪ اڪائونٽ جو خالي چيڪ بوڪ، هيل تائين هن جو مڙس سنجو اڳ ۾ ئي ڪانئس صحي ڪرائي ڇڏيندو هو. ساڏنا ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ چيڪ بوڪ ۽ پين پاڻ طرف سوري ڪانئس پُڇي ٿي ’ٻڌاءِ، ڪنهنجي نالي چيڪ اِشو ڪرڻو آهي ۽ گهڻي جو؟‘

ڪهاڻي اسانجي اندر ۾ ڌماڪو ٿي پيدا ڪري. هڪ طرف اڄ جي عورت بالغ بڻي آهي، هن پنهنجي زندگيءَ جي واڳ ڏور هاڻي پنهنجي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهلي آهي. ٻئي طرف اِنساني رشتن ناتن ۾ ڪيڏي نہ اونهي کاهي پيدا ٿي ويئي آهي. سيتل چاندوڪيءَ ۾ ٻرگلي ڳالهيون ڪرڻ وارا استري پرش جا مذر کوتائي سنٻنڌ، اڄ تيز نئهڻ اُس ۾ تتل واريءَ تي پنڌ ڪرڻ وارا حسابي ڪتابي، وهنواري بڻجي ويا آهن.

’چندا‘ ڪهاڻيءَ ۾ برتن ٻهاريءَ جو ڪم ڪرڻ واري مائيءَ جو مڙس ٻي رن آڻي گهر ۾ ويهاريٿو. رهائش واري کولي تہ هن اڳ ۾ ئي

بيعزتي لڳندو آهي. توهان استري سوتنترتا جا حامي آهيو، پر توهان جو اهم استرين کي قيد ڪرڻو. توهان استرين جي حقن جا رکپال آهيو ۽ هو انهن کي پيرن هيٺان ڪچلي ٿو. هي سڀ توهان جي اهمَ جا ڪم آهن. ورنه توهان ....'

ليکڪا هت چوڻ چاهيٽي ته پرش ته پنهنجي سر سريشٽ اُتم پرش آهي، پر سندس اهم کيس نيچ ڪميٽو شخص بڻائي ٿو ڇڏي. هن ڪهاڻيءَ ۾ به پرش جي ان اهم اڳيان ناريءَ کي ئي جهڪڻو ٿو پوي. (هو آخر تائين تِر جيترو به نٿو جهڪي) پرش جي اظهاريل سنيه (جي مڪر) کان پگهرجي. استريءَ کي محبت جي مينهن وسائڻ جو مڪر ڪرڻو ٿو پوي. آخر به هن اسهايه استريءَ کي هن پرش جي ئي گهر ۾ سندس چترڇايا هيٺ باقي زندگي ڪاٽڻي آهي. گهڻي ڀاڱي پرش ۽ استريون اهڙي ئي کوٽي سنيه جا مکوٽا پائي، سڄي عمر هڪ ٻئي کي 'نفرت جي آگ' ۾ جلائيندا ٿا رهن. هن ڪهاڻيءَ جو اهو ئي عنوان بهتر لڳي ها.

سنڌي ليکڪائن جي اندر جو اهڙو منوبل ڪونهي جو پنهنجي ڪهاڻين جي نايڪائن کي امرتا پريتم جهڙو بولڊ بڻائي سگهن، جيڪي اڻ گهڙيل پتيءَ جي ۽ سندس گهر جو تياڳ ڪري، امروز جهڙي پريميءَ جي چونڊ ڪري، هن سان پنهنجو نئون آکيرو جوڙي سگهن.

مايا راهيءَ جي 'خبردار' ڪهاڻي پڙهندي، مونکي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿئي ٿو. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن ليکڪا اسان کي عورت جو اهو ڪالي روپ درشايو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي ماسترياڻي رما کي ماستري ڪري، ڪمائي اچڻ سان گڏ نوڪرياڻيءَ جيان گهر جا ٿانوَ، ٻهاري، پوچو ۽ ڪپڙا ڌوئڻ جو ڪم به ڪرڻو ٿو پوي. ڇو ته هن جي گهوٽ کي اهو پسند ڪونهي ته هڪ برهمڻ جي گهر ۾ ڪا گهٽ ذات واري اچي، هن جو گهر ڀرشٽ ڪري.

رما گهر ۾ پيپر جاچيندي اندر ئي اندر مڙس جي هن هلت تي ڪامندي پچرندي ٿي رهي. سندس جوان ٻار کيس اڪثر ٽوڪيندا ٿا رهن. 'تون جو گڏهه ٿيندينءَ ته هرڪو پنهنجو بوجو تنهنجي پٺيءَ تي رکندو.'

گهر ۾ نڪمٽي ويٺل مڙس کان اهو به نٿو پڇي ته ٽيبل تي رکيل ڪافيءَ جي پاٽ مان پاڻ ڪافيءَ جو پيالو ڀري پيئي. اهو به رما کي پيپر جاچڻ اڌ ۾ ڇڏي کيس ڀري ڏيڻو پوندو. ٻار سڀ ٿا چون ته هن ڊئڊيءَ جي ضرورت کان وڌيڪ شيوا ڪري اهڙو ته هئنڊيڪئپ ڪري ڇڏيو آهي جو هينئر گهر جو ڪم ته ڇڏيو، پنهنجو پرسنل ڪم به نٿو ڪرڻ چاهي. هيءُ گهوٽ آهي يا ڊڪٽيٽر!

مڙس کي اڄ پهريون ڀيرو رما 'ڪم آن هيلپ يوئر سيلف' چئي، هن ڪيٽلي ۽ مگس وارو ٽري گهوٽ ڏانهن سرڪايو.

'هيلپ يوئر سيلف جي ٻچي، پاڻ کي سمجهين ڇا ٿي؟' هو گرجندي رما کي مارڻ لاءِ هن تي اُلر ڪري آيو.

رما هميشه وانگر پتي پرميشور جي مار جو پرساد گرهڻ ڪرڻ بجاءِ، هٿ وڌائي، گهوٽ جي

ساچ چوڻ جي چوٽ

'رچنا-٨٣' (جولاءِ - سيپٽمبر ١٩٩٩) جو رويوُ شري صاحب ٻجاڻيءَ جي ذڪر سان شروع ڪَرڻ ٺيڪ ٿيندو. هن پرچي جي مکيه هستي فتحچند منگترام واسواڻيءَ جيان هو به گهڻو ڪري لڪل رهڻ پسند ڪندو آهي. سنڌي ليکڪن بابت هن جي ڄاڻ ۽ ياداشت، توڙي قرب ۽ آدر جي؛ جن کي خبر آهي؛ اُهي هن جي شخصيت کان بيحد متاثر ڏسبا آهن. هن پرچي جي روپ ريکا ۾ به هن جو خاص رول نظر اَچي رهيو آهي. شري لکمي کلاڻي هن جي اتهاسڪ ڄاڻ جو اوس ۽ حقي اُپيوگ ڪندو هوندو. هن پرچي جي ڪَوَر - اِسٽوريءَ ۾ شري هري دلگير هن جو جائي ذڪر ڪيو آهي.

شري دلگير فتحچند واسواڻيءَ جو خاڪو به ڏنو آهي ۽ باوستار هن جي ساهتڪ شيوائن جو سٺو قدر به ڪيو آهي. دلگير صاحب هن جو تمام سلجهيل ۽ ويجهائيءَ تان ڏسجندڙ چتر چٽيو آهي. هن ليک جي به اتهاسڪ اهميت آهي. دلگير صاحب جي ياداشت قابل داد آهي ۽ ليک کي هن چڱو دلچسپ ۽ شرڌا پريو ڪري پيش ڪيو آهي. ظاهر آهي، هت تنقيدي درشٽي گهڻي گهربل نه رهي آهي. اٽڪل ٦٠ سال اڳ کان ٢٠٠ کن ڪتاب لکندڙ ۽ وري ڇپائيندڙ فتحچند واسواڻيءَ کي اتهاس ۾ اهڙي اهميت مليل نه هوندي آهي.

فتحچند واسواڻيءَ جو ربندرناٿ ٽئگور جي ڪهاڻي 'پوسٽ ماسٽر' جو ڪيل 'روپانتر' هن جي سٺي نثر جو سٺو مثال آهي. ٽئگور هت 'اِنساني سڀاءُ' جي موهه ۽ ورهه جو درد ڏيکاريو آهي. فتحچند واسواڻيءَ جي ليک 'سُر سارنگ'؛ 'لطيفي لاٽ' تان ورتل، 'شاهه' جي ڪويتا جو برساتي منظر وسايو آهي. شاهه ۾ سنگيت جي سُرن جو وڏو رول آهي ۽ هت ان جو احساس هن ليک ۾ تکو ٿيو آهي.

'رچنا' جي هن ئي پرچي ۾ لعلسنگهه هزاريسنگهه اَجواڻيءَ جو جنم شتابدي سال به ملهايو ويو آهي. اَندر هن جي تصوير ساڻ هنجا به نَنڍا ليک شامل ڪيل آهن. لعلسنگهه اَجواڻيءَ جي ساهتڪ شخصيت بابت ڪو ليک يا ڄاڻ بلڪل ضروري هئا - جئن فتحچند واسواڻيءَ لاءِ خاص لکايو ويو آهي. هن جا شامل به ليک ساهتيه ۽ ٻولي توڙي پستڪن جي ملهه بابت خيالات پيش ڪن ٿا.

لفظي اُستادن، ماسترن، پروفيسرن، پنڊت ۽ مُلن جي راڄ بابت هن صاحب افسوس ڏيکاري تخليق جو قدر ڪرڻ چاهيو آهي - اهڙيءَ طرح پستڪن جي اهميت به چٽي ڪئي آهي.

سنڌي ساهتڪارن طرف قرب قدر ۽ جوابداريءَ جو احساس 'رچنا' برابر ڪرائيندي رهي آهي. هن پرچي ۾ پوپٽي هيراننداڻي ۽ سُندري اُتمچنداڻيءَ جي تصوير سان هنن جو ٧٥ جنم سالگرهه ملهايو ويو آهي ۽ سندن به نَنڍيون رچنائون سجايل آهن.

'مان - بي گهر سِنڌڻ' ۾ پوپٽيءَ ٿورن لفظن ۾ سِنڌُ کي پنهنجو 'گهر' هئڻ جو احساس ونديو آهي. سُندريءَ 'وندر' ۾ البت پنهنجي

پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏي آهي. چندا جي ذڪر جو ڪو پار ڪونهي. 'مان ڪمايان، ڏيئر رڌين ۽ هي ٻه ئي پلنگ تي ويهي کائين.' پرش ذات جي هن ٻچڙي وهنوار تي هوءَ ٿُڪَ ڦٽي ڪندي چوڻي 'مرد آهي نه آخر - سالو ڪُتو!'

مٿي ذڪر هيٺ آيل ستن ئي ڪهاڻين جو ساڳيو ئي هڪ استري ڪردار آهي - پرش جي ستايل مظلوم عورت. ستن ئي ڪهاڻين ۾ پرش ڪردار به ساڳيو هڪ ئي آهي - سالو مرد ڪُتو! مايا راهي ڪيس ڪلهڙي ۾ بيماري ڇڱي ڏُلائي ڪئي آهي. ڪاش، هي ڪهاڻيون پڙهي پرش جي وويڪ ۾ ڪي وڌ پون. هوءَ استريءَ جو پنهنجي آتم سنمان سان جيئڻ جو حق قبول ڪري. پنهنجي من مان نفرت جي آگ ڪڍي، هن مٿان محبت جو مينهن وسائي!

'خوف' ۽ 'ڏيڏر' ڪهاڻين جا موضوع الڳ آهن.

'خوف' ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ماسترياڻيءَ کي ڀريون پيرو امتحان ۾ ڇوڪرن مٿان نظرداري ڪرڻ جو سپروائيزري ڪم مليو آهي. ڪيس ڊپ ٿو ٿئي ته هڪ غنڊي لڳندڙ ڇوڪري کي جي هوءَ ڪاپي ڪرڻ کان روڪيندي ته ڪٿي هو ڪيسي مان پنهنجو رامپوري چاقو ڪڍي سندس ڪم نه تمام ڪري ڇڏي. ايشور چندر جي ڪهاڻي 'هن جو ڊپ' جيان هن ڪهاڻيءَ ۾ به هن ماسترياڻيءَ اندر پيدا ٿيل ڌڪاءُ جو سلو منووگيانڪ چيد آهي.

'ڏيڏر' ڪهاڻيءَ جي 'مان' ڪردار ميڊيڪل ڪاليج جي اسٽوڊنٽ آهي. ڏيڏر چيرڻ محل ڪيس محسوس ٿيئڻو ته هي سڀ ڊاڪٽر ڪيس ئي ٽيبل تي ليٽائي، سندس هٿ پير ٻڌي، نستي ٿيڻ جي انجيڪشن لڳائي، تکي ڌار واريءَ ڇريءَ سان، ڳچيءَ کان هيٺ پيٽ تائين چيري، چؤگرد بيٺل شاگردن کي انساني سرير جي عضون جو علم ڏيئي رهيا آهن. ٽيبل تي ڏيڏر بجاءِ پنهنجي سرير جي چيرڦاڙ ٿيندي ڏسي هوءَ بيهوش ٿي وڃيٿي. ضرور هيءَ ڇوڪري ميڊيڪل جي پڙهائي ڇڏي مايا راهي جهڙي ليکڪا بڻي هوندي.

هٿ اِن جي اُپٽار ڪرڻ غير ضروري آهي ته ليکڪ ئي آهن جن وٽ سهردينا (Empathy) واري هڪ با احساس دل هوندي آهي. جنهن سان هو ڪڏهن ڏيڏر جي، ته ڪڏهن نوڪرياڻي چندا جي ڪايا ۾ پرويش ڪري، سندن هرڪو عذاب پاڻ سهندا آهن. اهڙي ليکڪ جي دل جي اندرين تهہ مان جڏهن ڪهاڻي چيخ بڻجي جنم وٺي ٿي تڏهن اُن لاءِ ليکڪ کي پراڻن / نون فارمن جي گهڙت لاءِ ڪا مٿاڪُٽ ڪرڻ جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي. ڪهاڻيءَ جو موضوع، پنهنجي گهربل هئيت جي پاڻ ئي چونڊ ڪريٿو. ڪهاڻيءَ ۾ انهن جي ساهه ۽ سرير جهڙي هم آهنگي پاڻمرادو ئي پيدا ٿي وڃيٿي.

هن مجموعي ۾ مايا راهيءَ جون ڪهاڻيون 'خبردار' 'خوف' 'ڏيڏر' 'هيرو' ان ڪري ئي ڪلاتمڪ درجي کي ڇُهي سگهيون آهن ۽ پڙهندڙن مٿان گهربل تاثر ڇڏين ٿيون.

6, Maleer
Adipur - 370205

ڪيترا جديد خيال ورچيا آهن - جنهنجو تاثر عام کان مٿيرو بيلو آهي.

اِندرا واسواڻيءَ جو 'سمنڊ' پنهنجي ڪنفيشن ڏيئي بہ 'اواڪ' لڳي رهيو آهي :

پر سندس آواز / پوءِ بہ موٽي ڪو نہ آيو / هو اَچا بہ شانت هو!

اندرا جي ڪوتا ۾، هونءَ بہ، اظهار کي وڌيڪ Compact ۽ وڌيڪ Poetic ڪرڻ جي درڪار نظر اَچي ٿي. پاٺڪ ۾ وڌيڪ وشواس رکڻ بهتر ٿيندو شايد ۽ ۾ پڻ. هڪ دفعي هڪ گنڀير ڪويءَ کي مشاعري ۾ هونءَ کان ڪافي وڌيڪ داد مليو پر هو اُداس نظر آيو. پڇڻ تي چيائين - ڪٿي ڪجھ غلطي آهي - يا ڪويتا ۾، يا پيش ڪرڻ ۾ يا .... ٻڌندڙن ۾. ڪويتا جو رنگ چڊو پاڻيءَ جهڙو ٿيڻ بہ نہ صحيح نہ آهي ۽ گهاٽي ڪويتا ايترو جلد ترت اثر ڪري نہ سگهندي آهي. اها ڌيري - ڌيري سڳند ڦهلائيندي آهي ۽ ٻڌندڙ کي چپ ڪرائي ڇڏيندي آهي.

لڪشمڻ دُٻي 'غزل' ۾ اِنساني من جي اَڪيلائپ ۽ اُداسيءَ کي اظهاريو آهي. لڪشمڻ جو اظهار نئين ياوَ - بوڌ جي قريب آهي. هن جا ڪي نقطا 'ڪيا - بات' هوندا آهن. سندس خيال جيان لفظ جي چونڊ بہ چڱي صلاحيت جو اَثر ڏيئي ٿي وڃي. پر اها 'قابليت' تائين محدود نہ رهي، ياوَ ۽ چنتن جو پريچيہ ڪرائي ٿي.

پيتامبر جوڌواڻيءَ جو نظريو نازڪ - بيانيءَ کان وڌيڪ سماجڪ - 'سينس' جي قريب ٿو لڳي. هن جا ٻہ غزل هت ڪي ترورا اوس ڏين ٿا.

ڪپڙا سڀ جا ڌوٻيءَ ڌوتل / ڪپڙن جي هينان ڇو ڏسجي!

ڍولڻ راهيءَ جو غزل توڙي وائي هن پرچي جو بهتر حصو آهي. هنجو غزل پورو ئي 'آئيني کان' هڪ ئي خيال تي ٻڌل آهي ۽ ان جو هڪ ٽوٽل اَثر ڇڏي ٿو. آئيني جا هت يڪا ڏھ عڪس ملي هڪ وڏو عڪس ٺهجي ٿو. سڀ عڪس ڪافي Prompt رهيا آهن.

پاڻ اڳيان ٿي پوان نہ پڌرو / تڏهن لڪان ٿو آئيني کان!

ساهتيہ اڪادمي (دهليءَ) جي 'ٽرو ماءِ ونڊو' سلسلي ۾ ارجن حاسد تي رکيل ليڪچر ۾ غزل جي هن روپ کي مون وڌيڪ اهميت ڏيڻ پسند ڪئي هئي - البت غزل جا ماسٽر شاعر خاص سهمت نہ ٿي رهيا هئا. مان اڃان بہ محسوس ڪريان ٿو تہ 'يادگار' غزل رچنا لاءِ اهو ئي روپ وڌيڪ ڪارگر آهي.

ڍولڻ راهيءَ جي 'وائي' بہ ايتري ئي سنجيدگيءَ ڀري آهي. پوءِ بہ اها غزل جهڙي تاثر کان محروم آهي.

گهنشيام ساگر 'تنها' ۾ جان ڀري آهي. سوڪيم ۽ سنهڙي تند اُن جو اَثر وڌائي ٿي.

نيتا نت آڪاس ۾، سوڪ هجي يا ٻوڏ.

گهنشيام جي 'ڪوتا' البت ويزن ڏيئي نہ سگهي آهي.

گوپال نکر پارت -پاڪ جنگ ۾ شيام ۽ اياز کي ياد ڪري ٿو. هن جي صدا کي گونج تہ آهي، پر ڪَنَ ڪٿي آهن؟

۽ آخر ۾ 'اَهم ۽ آتم -' سمپادڪي ليک. هت اَهم ۽ آتم جي ڀيٽ ڪري سوَلي نموني آتم جي اَهميت تي زور ڏنل آهي ۽ ڪلاڪار جي ساڌنا جي حوالي ۾ اهو وويڪ کي جاڳائي ٿو.

انسان جي چت - ورتي سڀاو جي وس هجي تہ پوءِ ڪنهن جي بہ ڪجھ چوڻ سان شايد ئي فرق پوي - ان لاءِ هڪ اندر جو 'ڌوڏو' گهربل آهي. رواجي طرح چيل آهي تہ -

احساس جو 'هڳاءُ' چٽو نہ ڪيو آهي. بهتر نثر جا ليک ڪيترا دفعا 'نظم' ۾ پنهنجو 'ويزن' ڏيکارڻ ۾ ڏنڊلائپ ثاري نہ سگهندا آهن. پر هت آيل سُندريءَ جي ڪهاڻي 'جڻ ڪوئي مري ويو آهي'، سماج وگيانهن کي ڪليل چئلينج آهي. ڪهاڻي چوڻ جو هن جو ڏانو چگوئي اَثردار آهي. ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي اِيندڙ گهٽنائن لاءِ ٻاهريون توڙي مانسڪ واتاورڻ ٺڙو ڪرڻ ۾ هن ڪافي ڌيرج کان ڪم ورتو آهي. 'رتنا' 'ايشور' جي سوٽ آهي. هنن جا پيئر هئي ياثر آهن. ماحول هنن جو پريم سنبنڌ جوڙي ٿو ۽ حالتون هنن کي شادي ڪرائن ٿيون.

هڪ روايتي سنڌي ڪٽنب ۾ اهو سڀ هن ڪهاڻيءَ ۾ ٿي گذري ٿو ۽ چپ چاپ - ڪو بہ شور ڪو نہ ٿو ٿئي نہ ڪهاڻيءَ اندر ۽ نہ سنڌي ساهتيہ ۾. هيءَ ڪهاڻي ١٩٦٧ ۽ پوءِ ١٩٧٩ ۽ پوءِ ١٩٩٩ ۾ شايع ٿي آهي.

ڪهاڻيءَ جي اُٿت ۽ سيرت ۾ هيءَ ڪهاڻي هڪ وڏي شڪايت کي جڏي ڪافي سپاويڪ رهي آهي. فقط ياثرن ۽ ڏيراڻين جو بنه پنهنجائپ جو رشتو اوچتو وير وروڌ وارو ٿي ويو. جي ان جو ڪارڻ رتنا ۽ ايشور جو پريم آهي تہ اُهو ڪهاڻي چئي نہ سگهي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ تيل هن شاديءَ لاءِ ڪهاڻيءَ جو سِرو بهشڪ چڪ پائي ٿو. هيءَ شادي تہ ڪهڙي ٿي آهي ? 'جڻ ڪوئي مري ويو آهي!'

اِن سري ۾ ٻارن دوران سماجڪ ردعمل ڏيکارڻ کان سواءِ ليکڪا کا بہ ڪامينٽ کا نہ ڪئي آهي. ڪيترا سال هڪ خاص فلم ڪلب ۾، پٽ جي پردي تي، دنيا جون بهتر انعام يافت فلمون ڏسڻ جو موقعو مليو هو. اهڙي هڪ فلم ۾ ڀاءُ ڀيڻ جو هم بستر ٿيڻ مون کان نہ وسريو آهي. لنبي اڪيلائپ، ايڪانت، جوان عمر، زوردار برسات ۽ سُن سان ڳوٺ جو ننڍو ڪاٺ جو گهر - سڀ ياد آهي.

جنهن لئين هڪ کان وڌيڪ قصا پنهنجي آس پاس ۾ بہ نظر آيا آهن - جن ۾ ڀاءُ - ڀيڻ وچم ان قسم جو رشتو هڪ مانسڪ گرنٿيءَ جو روپ وٺي ٿو. ۽ ڪن حالتن ۾ اهو، بعد ۾ هئي هند ڪيل شاديءَ ۾ 'رخنو' بڻجي ٿو.

ائين هيءَ ڪهاڻي هڪ 'اَساڌارڻ' ڪهاڻي چئي سگهجي ٿي، سندري اُتمچنداڻي سنڌي ٻوليءَ جي عيوضي ۽ بهتر ڪهاڻيڪارن مان آهي. پر هت هن ڪهاڻيءَ کي ڪٽي نہ ڪٽي، ڪجھ چوڻ کان، اِشارو ڪري روڪيو آهي ۽ ڪهاڻي ڪجھ خاص چوڻ کان جڻ مُڪري وئي آهي. مون کي لڳي ٿو - اڄ بہ هن ڪهاڻيءَ تي بحث ٿيڻ گهرجي ۽ ليکڪا بہ پنهنجا ڪامينٽس ڏئي تہ بهتر. خاص طور سَرو شري لڇمڻ هردواڻي، گوپال نَڪرُ، پرم اَبيچنداڻي، هري موٽواڻي، موتيلعل جوتواڻي، لعل پشپ، پريم پرڪاش، لڪمي کلاڻي، ريٽا شهاڻي، ڪلا پرڪاش، ۽ ٻيا گهڻائي سُجاڳ ۽ ساهتيہ - چنتن ڪندڙ سنڌي ليکڪ اِن بابت بلڪل مختصر ۾ ڪجھ چون تہ بهتر - 'رچنا' اُنهن ويچارن کي جڳھ ڏيندي اهڙي اُميد اٿم.

'رچنا' جو ڪوتا وڀاڳ هن ڀيري چٽو سبل رهيو آهي. هري دلگير، رڪيل مورائي، ارجن حاسد، اندرا واسواڻي، لڪشمڻ ڏُبي، پيتامبر جوڏواڻي، ڍولڻ راهي، گهنشيام ساگر ۽ گوپال نڪر جون هڪ ڊزن رچنائون شامل آهن.

نظم ۾ دلگير جون تشبيهون جهلڪيون آهن - جن ۾ سپنا ۽ جذبا خيال بڻيا آهن.

آڌيءَ رات ٻُڌم آواز / تنهنجن قدمن جهڙو هو!

ائين قدمن جو آواز سڃاڻڻ جي سوڪيم سگھ ڪويتا جي آهٽ بڻي آهي. ارجن حاسد 'قطع' ۾ نارائڻ شيام بابت شرڌا جا لفظ پيش ڪيا آهن.

رڪيل مورائي نظم ۾ 'سچ جو انتظار' قدرت جي جديد تمثيلن ساڻ پيش ڪيو آهي ۽ غزل ۾

چترو ناگپال (بئنگلور)

’رچنا‘ جو پهريون صفحو ڏينهون پوءِ وڏيک جوڳيئا ٿيندو ٿو وڃي، ڪٿي ان جي ادبي ماحول ۽ ميزان کي ساڌو سمپادڪيه چيهو نه رسائي، اهو پڙ آهي.

سندريءَ واري ڪهاڻي جي وشنو پاٽيه يا ٻيو ڪوئي لکي ها ته پڻ سٺا پونس ها.

فتحچند واسواڻي جنهن کي دلگير صاحب پتا سمان ٿو سڏي جنهن ۲۰۰ ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪتاب لکيا ۽ جو پارٽ ۾ ورهاڱي کان پوءِ به سڄا سارا ۳۲ سال حيات هو تنهن کي لکل رکڻ لاءِ ڪير جوابدار آهي؟

اسان ڪنهن مخزن ۾ ۴ سٽن واري ڪوتا لکڻ واري کي سڃاڻندا آهيون پر جنهن شخص سنڌي ادب جي ايتري خدمت ڪئي هئي ان کي ۵ سيڪڙو پاڻ - ليک مس سڃاڻندا هوندا. نه ڪڏهن منگهارام ملڪاڻي، نه عزيز، نه اُتم، نه ڄيٺ آڏواڻي، نه گوردن پارتي، نه خود هري دلگير هن جو ذکر ڪيو. ڇا هو رچنائن ۽ ڪتابن ۾ اصلوڪي ليک جو نالو نه ڏيندو هو، ڇا هن کي تخليقي ليک طور نه مڃيو ويندو هو. رگهو ترجمان ۽ پبلشر ته ڄيٺ آڏواڻي به آهي اهو ايترو مشهور ٿيو ! فتحچند پنهنجي ڪلپنا شڪتي ڪم آڻيندي سنڌ ۾ ته نه پر هند ۾ به چو لکل رهيو. هت ڇا هن رگهو گوردن ۾ ئي دلچسپي ورتي هئي. اهو سڀ دلگير ئي ٻڌائي سگهندو.

هري دلگير (آديپور)

چترو ناگپال کي جواب :

جيڪي به ليک حيدرآباد سنڌ ۾ رهندا هئا، مان سمجهان ٿو ته اُهي سڀ بخوبي طور فتحچند کي سڃاڻندا هئا.

لالسنگھ اجواڻيءَ هسٽري آف سنڌي لٽريچر (۱۹۷۰) ۾ هن بابت ڪولي لکيو آهي ته فتحچند پنهنجي پاءُ جي نالي سان لکندو هو - منگهارام ملڪاڻيءَ به هُن بابت ڪجھ ضرور لکيو آهي - مون پنهنجي ڪتاب ’چولو منهنجي ڇڪ ۾‘ (۱۹۸۷) ۾ ٽي صفحا هن تي لکيا هئا - بعد ۾ اهو ڪتاب سنڌ ۾ به ڇپايو ويو آهي. پر فتحچند جي گمناميءَ جو مکيه سبب آهي، سندس محجوب طبيعت. هن تي مفصل ليک هن کان گهڻو اڳ اچڻ کپندو هو پر اُن دير لاءِ مان پاڻ کي ئي ڏوهاري سمجهان ٿو.

ڪمار تيجواڻي (اُلهاسنگر)

رچنا - ۸۳ (جولاءِ - سيپٽمبر) اَڄ ملي.

پيڻ پوپٽي هيراننداڻي ۽ سندري اُتمچنداڻيءَ کي سندن ۷۵ سالگره جون مبارڪون ڏيندي، ڪجھ رچنائون پڻ ڇپيون ويون آهن. ’مان - بي گهر سنڌڻ‘ ۽ ’وندر‘ ٻنهي ۾ انوکي جذبات آهي.

پيڻ سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي - ’جڻ ڪوئي مري ويو آهي‘ ۱۹۶۷ ۾ ’نئين - دنيا‘ ۾ ۽ ۱۹۷۹ ۾ ’پوري‘ ۾ ڇپجي چڪي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪئمپ جي زندگيءَ جو چٽر چٽيو ويو آهي. چڙواڳي ملڻ سبب ٻن پاڻرن جي پٽ ۽ ڌيءُ جو بيان ٿي وڃي ٿو ۽ سول مئريج ڪن ٿا. پيڻ اُن جو ڏوھ ورهاڱي ڏيندي لکيو آهي ته هي ملڪ جي ڦٽڻ جا انگور جي چوڌاري وايومنڊل ته ڏس، ڇا چڙواڳي لڳي پيئي آهي!‘

هاڻي ته اهڙيون ڳالهيون عام ٿينديون پييون وڃن. ڪنهن کي ڏوھ ڏجي. ٻنهي پينرن جو وڏي ۾ به قلم قوت وارو آهي. ٻنهي پينرن کي منهنجي طرفان پڻ مبارڪون ۽ شڀ ڪامنائون.

(باقي رايا ٻئي دفعي)

YOU ARE
WHAT YOU THINK

۾ اهو ڪولڻ لاءِ در کڙڪائڻ برابر آهي. انسان کي اکيون فقط اڳيان آهن. ڪن پاسيرا آهن. ’سوا سير‘؛ جو پليان آهي اُهو نظر ۾ نه آهي. ان ڪري ’اهم‘ هر حالت ۾ اِنساني سمجهه جي سوڙهه آهي. آتم جو احساس پنهنجي پاڻ سان ملاقات آهي - پر گهڻو ڪري اسان پنهنجو پاڻ کان ئي دور رهندا آيا آهيون - هي ليک اِئين اسان کي اسان سان ملائڻ جي شيءِ اِچا ڪٿي آيو آهي ۽ ڪافي حد تائين Pure Essay جي قريب آهي.

141, Sindhunagar
Bhavnagar-364 002

اوهان جي طرفان

هري همٿاڻي (اَجمير)

مانيور دلگير صاحب،

سدا شال خوش هجو - رچنا -٨٣ ۾ سدا حيات فتحچند واسواڻيءَ تي سندس جيون بابت توهانجا تاثرات پڙهي، مان نه رڳو اُنهن ڏينهن جي يادگيرين ۾ لُڙهي ويس، ليڪن پڙهڻ وارو اُهو سچو دوُر ۽ پوءِ به ڳپل سمو پئي لڙهيس، اُنهن سونورين سمرتين ۾. داداجن سان شروعاتي ملاقات گوورڌن ڀارتيءَ معرفت ٿي هئي جڏهن هوُ صاحب ربندرناٿ ٺاگور جون آکاڻيون ترجمو ڪري رهيا هئا، جنهن جو اوهان به ذڪر ڪيو آهي - اڪثر شام ڊاري آفيس کان موٽڻ بعد گوورڌن اوڏانهن ويندو هو ۽ مان ٢-٢ لڳا ساٿس گڏ ويو هوس. داداجن سان اِئين نه سندر پريس تي گڏجاڻيون پيئون ٿينديون هيون، جو دادا اڪثر صبح جي پهر ۾ پريس تي اچي ويهندا هئا، گهر ۽ پريس وچ ۾ دوري نه جهڙي هئي. اڄ داداجن جي اُها صورت منهنجي اڳيان اَچي ٿي بيهي، لکڻ هٿ ۾، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ وهنوار ۾ سچو درويش.


اهڙي درويش جي صحبت جو فيض مونکي نصيب ٿيندو، تڏهن مون سوچيو به نه هو، ليڪن هن درويش وچواري عمر جي ڪاهي لَٽي ڇڏي هئي. ١٩٦٢-٦٣ ڌاري مون اجنتا پرنٽرس نالي بابو محلا ۾ پريس کولي هئي. مُراد اِها ئي هئي ته ڪهاڻي ناول مالها وانگر ساهتيه سرجن ڪبو. پر پوءِ ارمان، انسنا، ادب جي موجوده حالتن سبب سيمت رهجي ويا. ١٩٦٤ ۾ اجنتا پبليڪيشن طرفان مون سدا حيات نارايڻ شيام جو ڪتاب ’ماڪ ڦنا رابيل‘ ڇپايو هو. مونکي ياد آهي، اُن ڪتاب جي گيٽ اپ وغيره کي ڏسي، سندر پريس ۾ ڇاپي هيٺ اوهان جو ڪتاب ’مؤج ڪئي مهراڻ‘ اوهان وچ ۾ روڪائي منهنجي نظرداريءَ هيٺ ڇپايو هو. مٿيون ذڪر ته اِئين اَچي نڪتو. دراصل مان داداجن جي ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهيان. داداجن جي گهر ۽ سندر پريس جي وچ ۾ رستي تي اجنتا پرنٽرس ٿي پيئي. سندر پريس ڏانهن ويندي يا موٽندي دادا منهن ورائي ڏسندا هئا، اگر مان پريس تي ويٺو هوندس ته لڙي ايندا هئا. آئي وئي لاءِ الڳ ڪمرو هو جتي ٽيبل ۽ چار پنج ڪرسيون رکيون هونديون هيون. اڄ مان اُن ڳالهه تي تعجب ٿو ڪان ته دادا مونوٽ ڪلاڪ، ڪلاڪ ويٺا هوندا هئا. ڪين سڏ هئي ته منهنجو ساهت سان چاهه، لڳاءُ رهيو آهي. ٿورو گهڻو لکيو به اَٿم. داداجن پريان ئي ايندي ’هري‘ چوندا ايندا هئا. مونکي لڳندو هو ته مان ڪرتارٿ ٿي ويس. دادا جي مهانتا جي ته مونکي اڳيئي ڄاڻ هئي. هڪ نوراني تيج سندن مک تي ڦهليل هوندو هو ۽ مرڪ ۾ اِنتها پنهنجائپ، سچ ته مان نصيب وارو هوس. دادا پوءِ آديپور لاءِ روانو ٿي ويو هو جنهن اوهان ذڪر ڪيو آهي - رچنا ۾ اڄ داداجن بابت پڙهندي دادا جي اُنهن سمرتين ۾ جهڻ مان ويڙهجي ويو آهيان.


FANTASIES IN GOLD
NOTANDAS & SONS
JEWELLERS
6,Mangal Darshan, Waterfield Road, Bandra (W), Bombay - 50
Tel : 6428616 Fax : 6431553

Regd. of News paper No. 41/4/78/NT

IndusInd Bank,
the No. 1* Indian Bank since 1995, crosses the **Rs. 5000 crore** deposit mark on its **5th anniversary.**

(12th April '94 - 12th April '99)



Provisional figures for 31st March, 1999

*"Thank you customers, shareholders & employees for your **confidence** and **trust**."*

IndusInd Bank Ltd.

Corporate Office : IndusInd House, 425, Dadasaheb Bhadkamkar Marg (Lamington Road), Mumbai - 400 004. Tel.: 3857474/9901 •Fax : 3809931

*Ratings : • No. 1 among Indian banks in Financial Express - BRIS Survey - Nov. '98 • Business Today - KPMG Peat Marwick ranking - Nov. '98 • Business Standard - Nov. '98 • Business Barons - BRIS Survey - Dec. '98